علي اڪبر راهمون

# جديد سيڪيولر تعليمي نظام

## ۽ دنيا تي پوندڙ، ان جا اثرات

## اهم جائزو

جديد سيڪيولر تعليمي نظام هيٺ پوري دنيا ۾ هن وقت جيترا اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽيون هلي رهيون آهن، جيڪڏهن انهن جو انگ اکر گڏ ڪجي ته معلوم ٿيندو ته ڄڻ اڄوڪي دور ۾ علم عام ڪرڻ جو فريضو انسان چڱي طرح سرانجام ڏيئي رهيو آهي. هن علمي ڪاوش جي نتيجي ۾ جيڪي ماڻهو تيار ٿي رهيا. انهن پنهنجي چوڌاري اکين کي گيرو ڪندڙ هڪ چمڪيلي دنيا پيدا ڪئي آهي، اهڙي دنيا جنهن ۾ آرام ده گهر آهن، تيز رفتار گاڏيون ريل ڪار، ۽ هوائي جهاز آهن. رابطن ۽ باخبر رهڻ لاءِ ڪمپيوٽر، انٽرنيٽ، ٽيلي ويزن، مطلب ته زندگي جي آسائش جو هر سامان موجود آهي. بيمارين جا علاج، اسپتالون ۽ انهن ۾ هر دم تيار عملو پڻ موجود آهي. زندگي جون بنيادي ضرورتون صاف پاڻي، بجلي، گيس جي شاندار سروس در در تي موجود آهي هزارين بلڪ لکين ماڻهو ڪارخانن، ملن ۽ ليبار ٽرين توڙي ورڪشاپن ۾ هر دم هن ڌن ۾ لڳل آهن ته نئين کان نيون شيون مارڪيٽ ۾ ڪيئين آنديون وڃن، جيڪي ماڻهو پسند ڪن.

انهن سمورين سهولتن ۽ مادي آسائشن باوجود اڄوڪو انسان ويچارو تاريخ جو سڀ کان وڌيڪ ستايل، ڊپريشن جو مريض ۽ بي چين دل آهي. گذريل ٻن ٽن صدين دوران انسان جيڪو به علم سکيو ۽ مادي ترقي جو معراج حاصل ڪيو اٿس، ان سندس زندگي کي مادي طرح ته هر سهولت بخشي آهي. پر نهايت افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته سندس روح ويچارو منزل



جي واٽ وڃائي، زندگي جي رڻ پٽ ۾ ڀٽڪي رهيو آهي. ڏک جي ڳالهه هيءَ آهي ته ويچاري ڀٽڪيل، پريشان حال انسان جي درد دل جو علاج سيڪيولر تعليمي نظام جي ڪنهن به سبق ۾ ناهي، وڌ کان وڌ هن سلسلي ۾ نفسيات جو مضمون آهي، سو به شعور ۽ لاشعور جي وچڙيل ورن وڪڙن وارين واٽن تان ٿيندي، ڪجهه سڪون بخش دوائن ۽ جسماني ورزشن تي اچي ڇيڙو ٿو ڪري، ڪتارس يعني دل جي ڀڙاس ڪڍڻ تي علاج جو بهتر ذريعو ٿو سمجهجهي، ۽ مادي دنيا جي ڪاروبار، مهم جوئي ۽ تفريح ۾ پاڻ کي مشغول رکڻ ئي دماغي صحت جي علامت ٿي سمجهي وڃي، لکين ڪروڙين ڪتابن تي مشتمل، جديد سيڪيولر، تعليمي نظام ۾ انسان جي روح متعلق روڪڙ علم جي هيءَ ڪل موڙي آهي. اخلاقيات، معاشرت، انساني رشتا، تهذيبون، ثقافتون ۽ ذهني سڪون اهي سڀ هن جديد سيڪيولر تعليمي نظام ۾ 2+2= 4 وانگر سماج ۾ واقع ٿيندڙ معاشي، سياسي تبديلي ۽ ترقي سان لاڳاپيل آهن. ان ڪري جديد تعليمي نظام جو موضوع انسان ناهي، پر ان جو مرڪزي نڪتو مادي ترقي ۽ دولت جو حاصل ڪرڻ آهي.

جڏهن کان هيءَ دنيا وجود ۾ آئي آهي، انساني تاريخ اٽڪل ٻه درجن کن مختلف تهذيبون ٺهنديون، ڊهنديون ۽ وري جڙنديون ڏٺيون آهي، انهن سڀني تهذيبن ۽ تمدنن پنهنجا پنهنجا اعليٰ معيار قائم ڪيا، جن جا نشان اڄ تائين ڌرتيءَ جي سيني تي ثبت آهن. جيئن مصر، بابل، يونان، ايران، چين، هند، سنڌ ۽ ٻيون تهذيبون علم فن ۽ هنر ۾ ترقي جي جنهن اوج تي پهتيون، ته هن جو مثال اڄ به نٿو ملي، انهن مڙني تهذيبن علم، فن ۽ هنر جا جڳ مشهور ادارا به قائم ڪيا، پر ڪنهن به تهذيب جي تعليمي ادارن جو بنيادي مقصد موجوده سيڪيولر تعليمي نظام وانگر ماديت پرستي ۽ خالص لذت ۽ پيٽ پوڄا ڪونه هو، هر هڪ تهذيب پنهنجي تعليمي ادارن ۽ تربيت گاهن ۾ علم ۽ شعور ڏيڻ ۽ بلند اخلاقي معيار سيکارڻ جو جوڳو مقصد سامهون رکيو هو. پر جديد سيڪيولر تعليمي نظام جو اولين ۽

آخرين مقصد ۽ ڪائنات جي رازن جي آگاهي حاصل ڪرڻ جو مقصد صرف ايتري حد تائين آهي، جيستائين ان مان مادي فائدا ۽ لذتون حاصل ڪري سگهجن ٿيون. ان ڪري موجوده تعليمي نظام سرٽيفڪيٽ ياڊگري حاصل ڪرڻ جي چوڌاري گهمي رهيو آهي، هر يونيورسٽي جي سند يا ڊگري جي قيمت بہ مارڪيٽ ۾ الڳ الڳ آهي، جيڪڏهن ڪير پائئي ٿو تہ هيءَ سيڪيولر تعليمي نظام بهترين معيار تي بيٺل آهي، تہ هن کان وڌي ٻي ڪا ٺٺول يا مذاق ناهي، جيڪڏهن دنيا ڀر جون حڪومتون ۽ ملٽي نيشنل ڪمپنيون ۽ سندن شريڪ سرمائيدار هي اعلان ڪن تہ يونيورسٽين کان حاصل ڪيل سندون ۽ ڊگريون نوڪرين لاءِ اڄ کانپوءِ قابل قبول ناهن، تہ صرف ڪجهہ مهينن اندر اندر اهي سڀ سيڪيولر تعليمي ادارا ويران ٿي وڃن .

جديد سيڪيولر تعيليمي نظام، پوري دنيا ۾ نافذ ڪري، مغرب وارا ڪهڙا مقصد حاصل ڪرڻ چاهين ٿا.؟ هن نظام کي اسان جي ضرورت ڇو ٿو بنايو وڃي؟ دراصل هن تعليمي نظام کي نوڪرين يا پئيسي ڪمائڻ سان ڳنڍي، اسان کي اهي سموريون تهذيبي ۽ ثقافتي روايتون پڙهايون وڃن ٿيون، جن جي نتيجي ۾ اسين ٻچپن کان ئي مغربي معاشرت ۾ رهڻي ڪهڻي، سان هري مري ويندا آهيون، کائڻ، پيئڻ، پهرڻ ۽ رهڻ ڪهڻ ۾ بہ مغربي مزاج ڌاري وٺندا آهيون. سوچڻ، سمجهڻ ۽ پسند نا پسند بہ ۾ بہ انهن جهڙا فارورڊ ٿي ويندا آهيون. سيڪيولر نظام تعليم جي ڪاليجن، يونيورسٽين جو فارغ ٿيل اسان جو نوجوان نيويارڪ پيرس ۽ لنڊن جا خواب ڏسندو آهي. سنڊيلا، سانتا ڪلاز ۽ سنو وائيٽ ۽ انگورن جي فصل پچڻ تي شراب ڪشيد ڪرڻ جا گيت ڳائيندو آهي. پرائمري درجن ۾ اسان جي ٻارڙن کي جيڪا ثقافت ۽ روايتون زباني ياد ڪرايون وينديون آهن، ان جو هڪڙو اثر هيءَ پوندو آهي تہ سرنهن جو ساڳ، مڪائي جي ماني، چنگ



۽ باسري جا سريلا آواز وسري ويندا آهن، پوءِ جڏهن اهي جوان ٿيندا آهن تہ نائٽ ڪلب جا آداب، پيانو جا آواز ۽ ڊسڪو ڊانس سان نفس کي سرور ڏيندا آهن ۽ انجوائي ڪندا آهن، اهڙيطرح هو اسان جي مسلمان تهذيب کي اڻ سڌريل ۽ گهٽ درجي وار تهذيب سمجهڻ لڳندا آهن. مطلب تہ هن پوري سيڪيولر تعليمي نظام جو مقصد رڳو هڪ طرفو ماڻهو ٺاهڻ آهي، جيڪو مغربي معيشت ۽ معاشرت جو وفادار ۽ ان جي محبت جا گيت ڳائيندڙ هجي، مغربي تهذيب جي هر عيب ۽ اوڻاين کي بہ هنر، فيشن ۽ قابل تحسين سمجهي ۽ اسلامي تهذيب ۾ وڏون ۽ عيب ڪڍي ۽ ان تي ٻي لاگ نڪتہ چيني ڪري .

جديد سيڪيولر تعليمي نظام اسان جي نوجوان نسل کي جنهن تهذيب جو غلام بنائي ٿو اها ٽن شين سان مرڪب آهي_ سيڪيولرازم_ سرمائيداري_ ۽ جمهوريت جو جديد تصور_ انهن ٽنهي تصورن سان جيڪا تهذيب جڙي راس ٿئي ٿي، ان ۾ انساني ترقي جو معيار علم يا سائنس بلڪل ناهي. پرهن جو معيار اهو علم، فن ۽ ڪم آهي، جنهن سان دولت گهڻي کان گهڻي حاصل ڪري سگهجي، ان ڪري هر اهڙو علم يا محنت، جنهن سان دولت نہ ڪمائي سگهجي، اهو بلڪل بيڪار ۽ قدر لائق ناهي، اهو ئي ڪارڻ آهي، جو هڪ عورت جيڪا سڄو ڏينهن گهر ۾ رهي ڪري، ٻارپالي ٿي، پنهنجي سون ساريکن هٿن سان پورهيو ڪري، گهر کي جنت جو نمونو بنائي ٿي، ان جو هن مغربي تهذيب ۾ ڪو بہ قدريا عزت ناهي، ان کي گهريلو عورت جو طعنو ڏيئي، احساس ڪمتري ۾ مبتلا ڪيو وڃي ٿو. ٻئي پاسي بازار ۾ جسم فروش عورت کي عزت ۽ قدر جي نگاهہ سان ڏٺو وڃي ٿو ۽ ان کي سيڪس ورڪر جو نالو ڏيئي، حوصلي افزائي ڪئي ٿي وڃي ۽ اين جي اوز انهن جي لاءِ فلاح بهبود جا منصوبا جوڙين ٿيون.

هن جديد سيڪيولر تعليمي نظام جو ٻيو ويڌن هيءَ آهي تہ علم، تحقيق، سائنس ۽ فن سان واسطو رکندڙ ماڻهو اڄ ڪلهہ جيڪڏهن ذاتي شوق سان ڪجهہ ڪرڻ چاهين تہ بيشڪ هو ڪري سگهن ٿا، پر ٻي صورت ۾ مغربي معاشري ۾ عزت، ان علم، فن ۽ ڊگري جي آهي، جيڪا مارڪيٽ ۾ وڪڻي، ڏوڪڙ ڪمائي سگهجن. هن معاشري ۾ فٽ بال جو ڪوچ ۽ ڪرڪيٽ جو ڪپتان، برڪلي يا ڪنهن ٻي وڏي يونيورسٽي جي پروفيسر ۽ چانسلر کان ڪيئين ڀيرا وڌيڪ پئسا ڪمائيندڙ آهي، تنهنڪري ڪيئين ڀيرا وڌيڪ عزت ۽ قدر جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو آهي ۽ سٽي بازي، فحاشي ۽ عرياني جون صنعتون هڪ سال ۾ جيترو سرمايو ڪمائينديون آهن، ايترو شايد ڪنهن ڪاروبار ۾ پئسو ڪمائي سگهجي،هالي ووڊ ۽ بالي ووڊ جون اداڪارائن ۽ اداڪارن جا هڪ هڪ ڪلاڪ ڪروڙين جي ٻولي ۾ وڪامندا آهن.

هڪڙو وڏو مغربي دانشور رالز پنهنجي ڪتاب "ٿيوري آف جسٽس" ۾ موجوده مغربي تهذيب جو جائزو هن طرح پيش ڪيو آهي تہ اڄ مغرب ۾ انساني زندگي جا مقصد صرف چار آهن_ آمدني_ دولت_ قوت _ ۽ اقتدار، اهي ئي چار مقصد آهن، جيڪي جديد سيڪيولر تعليمي نظام جي ذريعي حاصل ڪرڻا آهن. انهن جو شعور عام ڪرڻو آهي، مرحوم علامہ اقبال جي بصيرت ڀري نگاهہ اهو منظر ڪيئين سال پهرين ڏسي ورتو هو جيئين چيو اٿس.

يورپ ميں بہت روشنی علم وہنر ہے
حق یہ ہے کہ بے چشمہ حیوان ہے یہ ظلمات

جديد سيڪيولر تهذيب جيڪا ڪجهہ ستايل، بي وطني مزاحمت ڪندڙن مسلمانن کي جهادي ۽ دهشت گرد تنظيمن جو نالو ڏيئي ۽ ناپاڪ سازش تحت ڪجهہ هٿرادو جوڙيل جهادي تنظيمن جي وجود کي يورپ ۽



پوري دنيا جي امن ۽ سلامتي لاءِ خطرو قرار ڏيئي، انهن جي آڙ ۾ اسلام مذهب ۽ مسلمانن جي تهذيب جي خلاف وڏي جنگ وڙهڻ جو اعلان ڪري رهي آهي، ۽ هيءَ پروپيگنڊا ڪري رهي آهي تہ مسلمانن جي ملڪن ۾ دهشت گردي ۾ شدت پسندي جون نرسريون ۽ تربيت گاهون سندن تعليمي ادارا ۽ خاص ڪري ديني تعليم ڏيندڙ مدرسا آهن ۽ دهشت گردي وڌڻ جا سبب مسلمانن جي ملڪن ۾ معاشي ناهمواري، جمهوريت جو فقدان ۽ اسڪولن، مدرسن جو تعليمي نصاب آهي، جنهن ۾ مسلمانن جي جهادي تاريخ ۽ تهذيبي شان شوڪت جا مضمون شامل آهن. اسلامي ثقافت ۽ تهذيب تي فخر ڪرڻ ۽ قرآن. حديث جا اهي حصا، جن ۾ جهاد جي فضيلت جو ذڪر ٿيل آهي، جن جي ذريعي مسلمانن کي تعصب، تشدد ۽ دهشت گردي جو سبق ڏنو وڃي ٿو اهي سڀ ڳالهيون مسلمان ملڪن جي تعليمي ادارن ۽ مدرسن جي نصاب ۾ شامل آهن. انهن جي ئي ڪري دهشت گردي کي فروغ ملي رهيو آهي. هن منطق کي بنياد بنائي،مغرب جا سامراجي حلقا مسلمانن ملڪن ۽ حڪومتن تي روز بروز دٻاءُ وڌائي ۽ زور ڀري رهيا آهن تہ پنهنجن اسڪولن ۽ مدرسن ۾ تعليمي نصاب خالص سيڪيولر بنايو پنهنجن ملڪن ۾ مغربي طرز جي جمهوريت جو نظام نافذ ڪريو، عورتن کي ميدان م لاهيو ۽ چون ٿا تہ اوهين جيڪڏهن ائين ڪندا تہ اسانجي يورپي ملڪن وانگر ترقي يافتہ ٿيندا ۽ اوهان جي ملڪن مان دهشت گردي ختم ٿيندي. جديد سيڪيولر تهذيب جي سر سان ملائڻ وارا دولت جا لالچي مسلمان حڪمران ۽ اين جي اوز رات ڏينهن انهن جي ايجنڊا جي پروپيگنڊا ڪرڻ ۾ مشغول آهن. اخبارن، ٽي وي چينلن تي دانشورن جا مضمون ۽ بحث مباحثا صرف انهن چند ڳالهين تي مرڪوز آهن تہ ترقي ۽ امن جو راز صرف هن ۾ آهي تہ تعليمي نظام کي مذهب ۽ روايت کان صاف ڪريو. سياست ۽ معيشت کي مذهب کان آزاد ڪرايو.

ریاست کي مذهب کان بلڪل ڌار ڪريو ته اوهان مسلمانن جا اڻ سڌريل، ڏتڙيل ملڪ ۽ معاشرا ترقي يافته ۽ جنت جا نمونا بڻجي پوندا.

سوچڻ جي ڳالهه هيءَ آهي ته جيڪڏهن جديد سيڪيولر تهذيب جي نمائيندن جون هيءَ سڀ ڳالهيون تسليم ڪري ونجن ته هن سوال جو جواب ڇا آهي؟ ته گذريل صدي جي عظيم جنگين يا ڪنهن ٻي جنگ ۾ قطار در قطار رضاڪار جهادي ايتري تعداد ۾ ڪڏهن به شريڪ ڪونه ٿيا آهن، جيترا عراق شام ۾ وڃي دولت اسلاميه جي تنظيم ۾ شريڪ ٿي رهيا آهن، يا وري جيئين افغانستان ۾ جهادي تنظيمون ۾ جٿا جوڙيا ويا، جن کي جديد هٿيارن سان ليس ڪري، ترينگون ڏنيون ويون. جنهن ۾ امريڪا، چين ۽ يورپي اتحادين ڀرپور ڪردار ادا ڪيو.

هتي سڀ کان حيرت انگيز ڳالهه هيءَ آهي ته عراق شام جي داعش تنظيم جي لڙاڪوئن ۾ اڪثريت يورپي باشندن جي آهي، جنهن ۾ نوجوان مرد ۽ عورتون شامل آهن. ايئين هن کان پهرين تاريخ ۾ ڪڏهن به نه ٿيو آهي. داعش تنظيم ۾ ڀرتي ٿيڻ وارا يورپي باشندا به اهڙن ملڪن کان آيل آهن، جن ۾ خالص سيڪيولر تعليمي نظام نافذ آهي، ۽ انهن جي مضبوط جمهوريت آهي، جتي معاشي ناهمواري نه ڪو اسلامي مدرسو آهي، تنهن هوندي به سيڪيولر اسڪولن ۽ يونيورسٽين جي پڙهيل ڪڙهيل نوجوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي ڇا ٿي ويو آهي، جو پنهنجيون عيش عشرت واريون زندگيون تياڳي، شام عراق جي داعش تنظيم جي لڙاڪوئن ۾ ڀرتي ٿي رهيا آهن. مغربي معاشري جي جدت ۽ تهذيب کان باغي ٿي رهيا آهن، يا ته اها به منافق مغربي تهذيب جي ڪا سازش آهي، يا جديد سيڪيولر تهذيب جي دم ٽوڙڻ جا آثار آهن. داعش تنظيم جي سرگرمين جي شروع ۾ 30 اگسٽ 2014ع جي " اڪانوهسٽ " جي رپورٽ مطابق انهن لڙاڪوئن جا انگ اکر جيڪي يورپ جي سڪين ستابن ملڪن کان اچي داعش ۾



ڀرتي ٿيا هئا، هن ريت آهن. بيلجيم کان 250، ڊنمارڪ کان 100، فرانس کان 700، آسٽريليا کان 250، ناروي کان 50، هاليند کان 120، آسٽريا کان 60، آئرليند کان 30 برطانيا کان 400، جرمني کان 270، امريڪا کان 70، هن وقت تائين ته انهن جو انگ اکر ڪيئين ڀيرا وڌي چڪو آهي. يورپي تاريخ ۾ اهڙو جهاد مارچ پهريون مثال آهي. جنهن ۾ يورپين پنهنجي تهذيب خلاف ايتري تعداد ۾ بغاوت ڪئي هجي. ۽ دنيا ۾ اهڙن رضا ڪارن جي لشڪر جو به پهريون مثال آهي جو هيڏي وڏي تعداد ۾ هڪڙي لشڪر ۾ رضا ڪارائي نموني شريڪ ٿيا هجن.

سوال هيءَ آهي ته اهي قطار در قطار هڪڙي جهادي تنظيم ۾ شريڪ ٿيڻ وارا يورپي نوجوان ڪهڙن مدرسن جا طالب آهن؟ ڪهڙي تعليمي نصاب جا فارغ تحصيل آهن؟ ڪهڙن ادارن مان تعليم ۽ تربيت يافته آهن؟ يقيناً اهي سڀ جا سڀ جديد سيڪيولر تعليمي ادارن جا سند يافته آهن. پوءِ ڀلا جديد سيڪيولرازم جا علمبردار ڪهڙا مدرسا بند ڪرائيندا؟ ڪهڙو تعليمي نصاب تبديل ڪرائيندا ؟

جديد سيڪيولر جا علمبردارو! جيڪا بندوق اوهان اسان جي هٿن ۾ پڪڙائي هئي، هاڻ ان جو رخ خود اوهان جي طرف ٿي چڪو آهي. جيڪا باهه اوهان اسان جي لوڙهن کي لڳائي هئي، هاڻ هوا جو رخ بدلي چڪو آهي، اوهان جو پنهنجو گهران باهه جي گهيري ۾ اچي چڪو آهي.

نصير ميمڻ

# سنڌ کي نوڪرين جي نيلاميءَ وڏيرن جي غلاميءَ ۾ اچڻ جو ڪردار

ملڪ جي پرڏيهي سيڪيورٽي پاليسي تہ پهرين کان سويلين حڪومت جي اختيار کان ٻاهر هئي، پر هاڻي صوبن جي اندروني سيڪيورٽي جا معاملا بہ هوريان هوريان ايپڪس ڪميٽين جي حوالي ٿي رهيا آهن. پشاور واقعي پاڪستان اندر ڪجهہ اهڙيون خاموش تبديليون آنديون آهن، جن جا ڇڙوڇڙ منظر هڪ هڪ ڪري پڌرا ٿي رهيا آهن. گذريل ٻن مهينن دوران آرمي چيف جي پرڏيهي دورن دوران ڪيس تمام گهڻي اهميت ملڻ ۽ صوبن اندر ايپڪس ڪميٽين جي گڏجاڻين ۾ وزير اعظم سان گڏ سندس موجودگي ظاهر ڪري ٿي تہ ملڪي سيڪيورٽي جي حوالي سان اهم معاملن جي واڳ سڌو سنئون اسٽيبشلمينٽ پنهنجي هٿن ۾ کڻي ڇڏي آهي، ڪراچيءَ ۾ آرمي چيف پاران آصف زرداري ۽ قائم علي شاهہ جي موجودگيءَ ۾ پوليس کي غير سياسي بڻائڻ واري ڳالهہ ڪو رواجي بيان ناهي.

2008ع چونڊيل پارليامينٽ جي بحالي، مشرف جو عهدو ڇڏڻ ۽ سندس ايوان صدر مان روانگي سان اهو تاثر مضبوط ٿيو هو تہ پاڪستان اندر سول ملٽري توازن ۾ سويلن طاقتون هوريان هوريان جڳهہ والاري رهيون آهن. پهرين ڏينهن کان مڪمل طور سگهاري سيڪيورٽي اسٽيبشلمينٽ سياسي طاقتن کي پنهنجي ماتحت رکندي آئي هئي، هاڻي جڏهن سياسي ڌرين عوامي سگهہ سان پنهنجي جاءِ پيدا ڪرڻ شروع ڪئي تہ ملڪ جي سمورين جمهوريت پسند قوتن ان تبديليءَ جي آجيان ڪئي. اڳتي هلي ارڙهين ترميم جي منظور ٿيڻ سان صوبن جي آئيني حقن ۽ پارليامينٽ جي



سگهاري ٿيڻ سان ان اميد ۾ ويتر جان پيدا ٿي هئي تہ هاڻي ملڪ جو آئيندو جمهوري ۽ آئيني ڏڳ تي چڙهي چڪو آهي.

جنرل ڪياني جو مدو پورو ڪري روانو ٿيڻ ۽ 2013ع ۾ چونڊن وسيلي حڪومت جي تبديلي بہ ان ويساهہ کي مضبوط ڪيو اها سموري تبديلي ڪا ايڏي سولي ۽ سادي نہ هئي، ان دوران غيرجمهوري عنصرن پنجن ڏهاڪن جي ڪمائي بچائڻ لاءِ وسان ڪو نہ گهٽايو هو. هر مهيني حڪومت ختم ٿيڻ جي خبرن سان ميڊيا گرم رهندي آئي، مسئلن جا انبار اپرندا ۽ متجندا رهيا. اسٽيبشلمينٽ اندر مخصوص سوچ رکندڙ لابين جمهوري نظام جا ترا ڪيڻ واريون پنهنجون ڪوششون ڏينهن رات جاري رکيون، البتہ عالمي وايومنڊل ۽ مقامي حالتن سبب اهي قوتون ڪي انتهائي قدم کڻڻ کان لاچار رهيون. حڪومت جي تبديلي ۽ نواز شريف جي اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ بہ اهو ساڳيو کيل جاري رهيو. پر غير آئيني ايڊوينچر ڪرڻ هنن حالتن ۾ ايترو آسان ناهي، انهن حالتن ۾ پشاور سانحي کان پوءِ سيڪيورٽي اسٽيبلشمينٽ ڪيترن ئي معاملن ۾ سڌو سنئون اڳيان اچي، اندروني سيڪيورٽي جا معاملا پنهنجي هٿن ۾ کڻي ورتا. قومي ايڪشن پلان ٺاهڻ کان وٺي ايپڪس ڪميٽيز وسيلي صوبن، اندر سمورا سيڪيورٽي معاملا عملي طور طاقتور ادارن جي ماتحت اچي ويا. آرمي سربراهہ پشاور واقعي کان پوءِ لڳاتار هاءِ پروفائيل دورا ڪيا، جتي سيڪيورٽي معاملن جي حوالي سان ڪيس تمام گهڻي اهميت ڏني وئي، ان دوران وزير اعظم اسلام آباد جي مارڪيٽ ۾ پاڇين ۽ ميون جا اگهہ پڇڻ ۾ رڌل رهيو. پرڏيهي دورن کانسواءِ آرمي چيف نيشنل ايڪشن پلان بابت گڏجاڻين ۾ بہ شرڪت ڪندو رهيو ۽ ساڳئي وقت صوبن اندر ايپڪس ڪميٽيز جي ڪجهہ گڏجاڻين ۾ بہ شرڪت ڪيائين.

ڪراچيءَ ۾ سندس ۽ وزير اعظم جي موجودگيءَ ۾ ٿيل گڏجاڻيءَ جا جيڪي ٿورا گهڻا وچور اخبارن ۾ ڇپيا آهن، انهن مان اها ڳالهہ چٽي ٿي

وجي ٿي ته سنڌ ۾ سيڪيورٽي سان لاڳاپيل اهم معاملا سڌو سنئون اسٽيبلشمينٽ سيڪيورٽي پنهنجي اختيار هيٺ آڻي ڇڏيا آهن هونئن ته هڪ جمهوري سرشتي دوران ڪنهن صوبي اندر سويلين سيڪيورٽي جا معاملا عسڪري ادارن جي اختيار هيٺ اچڻ جي اصولي طور حمايت نه ٿي ڪري سگهجي، پر سنڌ جي معاملي ۾ ان صورتحال جي اصل ذميواري سنڌ اندر هلندڙ بدترين حڪمراني مٿان لاڳو ٿئي ٿي، جنهن نا اهلي ۽ ڪرپشن جي بي مثال روين سنڌ اندر لاقانونيت ۽ بدعنوانيءَ جا لازوال داستان تخليق ڪيا آهن.در حقيقت جمهوريت ڪي خطرو رڳو غير جمهوري سوچ رکندڙ ڌرين مان ئي نه، پر خود جهموريت جي نالي تي عوام دشمن حڪمراني ڪندڙ قيادت مان به آهي. گذريل ستن سالن دوران خاص طور سنڌ کي جهڙي طرح ذاتي جاگير بڻائي، ان جي ڀيل ڪئي وئي آهي، اهڙي ڦرلٽ ته مارشلائن ۾ به نه ٿي هوندي، سنڌ ۾ زمينن جي والار ۽ بلڊر مافيائن کي انهن جي غيرقانوني الاٽمينٽ جا وچور پڙهي، ون يونٽ جي دور ۾ بئراجن جي زمينن جي ڦر لٽ جا داستان ياد اچي وڃن ٿا. فرق رڳو اهو آهي ته بئراجن جي زمين وفاقي حڪومت پنهنجي من پسند ٽولي ۾ ورهائي هئي ۽ هن وقت اهو ساڳيو ڪم سنڌ جي پنهنجي چونڊيل عوامي سرڪار ڪري رهي آهي، ون يونٽ جي دور ۾ زمينن جي ڦرلٽ واري معاملي تي ته ساڃاهه رکندڙ غير سنڌي به سنڌين جي موقف جي حمايت ڪندا رهيا آهن، پر هنن ڌاڙن تي ته ٻين کي به ميار نٿي ڏئي سگهجي.

ستر سالن تائين سنڌ پنهنجي مسئلن جو ذميوار اسلام آباد جي اسٽيبلشمينٽ کي قرار ڏيندي رهي، جنهن ڪڏهن سڌي طرح پاڻ ته ڪڏهن ٽاڪيل نيم مارشلائي حڪومتن وسيلي سنڌ جي وسيلن جي ڦرلٽ ڪئي، پر هاڻي ته سنڌين جي دانهن ڪوڪ به ڪير نٿو ٻڌي، جو ڌهوڙي ٽيندڙ ويڙن سنڌين جي پنهنجي ووٽن سان چونڊيل عوامي حڪمران پاڻ ڪري رهيا آهن، اقتدار جي انڌي گهوڙي تي سوار حڪمرانن کي آڱرين تي



ڳڻڻ جيترن ماڻهن جي دانهن ڪوڪ جي ٽڪي جيتري به پرواهه ناهي، ڇو ته هنن نصابي ڪتابن مان قارون جي خزاني جي حوالي کي نيڪالي ڏئي، پنهنجي اڻ ڪٿ خزانن جا مثال قائم ڪرڻ جو پڪو پهه ڪري رکيو آهي.

ان پسمنظر ۾ جڏهن آرمي چيف ايپڪس ڪميٽيءَ جي گڏجاڻيءَ ۾ سنڌ جي حوالي سان سڌيون سڌيون ٻڌايون ته سنڌ جي اختيار ڏٽين وٽ ڪڇڻ لاءِ ڪجهه نه هو. الميو اهو آهي ته سنڌين هن ملڪ اندر جمهوريت لاءِ سڀني کان وڌيڪ قربانيون ڏنيون ۽ ان جي عيوض سندن جمهوري قيادت کين بدامني، غربت، ڦرلٽ، ڌاري آبادڪاري، زمينن جي والار ۽ ڪرپشن جا تحفا ڏنا آهن. سنڌين ان اميد سان جمهوريت لاءِ جدوجهد ڪئي هئي ته ان سان کين پنهنجون زندگيون بدلائڻ جو موقعو ملندو. وسيلن تي مالڪيءَ سان غربت گهٽجندي ۽ آسودگي ايندي، امن امان بهتر ٿيندو ۽ کين پنهنجي شهرن ۽ ڳوٺن کي ترقي ڏيارڻ جو موقعو ملندو. سنڌ واسين کي آمريت جي مخالفت جي عيوض جيڪي سزائون مليون هيون، جمهوري حڪمرانن سندن ڦٽن تي ڦها رکڻ بجاءِ ويتر انهن تي لوڻ ٻرڪيو ۽ جمهوريت جي نالي تي سندن هڏن مٿان باقي بچيل چم به ڇڪي لاٿو آهي، سنڌي نوجوانن کي چٽاڀيٽيءَ جي ايڪيهين صديءَ ۾ بند پيل ڪاليجن، گوسڙو ماسترن جي مافيا، غيرمحفوظ رستن، نوڪرين جي نيلاميءَ ۽ وڏيرن جي غلاميءَ جي پنجوڙ ۾ اڇلي ڇڏيو آهي، ملڪ اندر ڪنهن به صوبي جي عوام سان پنهنجي چونڊيل حڪومت اهڙو ناحق نه ڪيو آهي، جهڙو پيپلز پارٽي سنڌين سان ڪيو آهي. ٻي ڪنهن صوبائي حڪومت اسلام آباد مان بلڊر مافيا کي آڻي، پنهنجون قيمتي زمينون ڪوڏين مٽ کين نه ڏنيون آهن. سنڌي جهولي جهلي به لاهور جي بلاول هائوس جا پئسا ڀري ڏيڻ لاءِ تيار آهن. جيڪڏهن ان جي عيوض ۾ سندن زمينن تي نوان شهر اڏي ڌارين جي نئين لوڏ مڙهي کين پنهنجي ڌرتيءَ تي ٿورائيءَ ۾ نه بدلايو وڃي، اهو سڀ ڪجهه سنڌ جي وجود لاءِ انتهائي خطرناڪ ثابت ٿيندو. مشرف جي دور ۾ ته رڳو

ڪراچيءَ جون زمينون هڪ مافيا جي چنبي هيٺ ڏنيون ويون هيون، پر هاڻي ته سپر هاءِ وي جا ٻئي پاسا، نوابشاهه، لاڙڪاڻي، ٺٽي، بدين ۽ سکر جون زمينون به بلڊر مافيا کي قانوني طور ڏنيون پيون وڃن، انهن زمينن تي ٺهندڙ نين اسڪيمن ۾ ٺهندڙ هزارين رهائشي يونٽن ۾ لکن جي ڳاڻيٽي ۾ ٻاهريان ماڻهو اچڻ جو انديشو آهي،اڳ ۾ رڳو سنڌ جي شهرن ۾ سنڌي اوپرا ۽ اقليتي هئا، پر هاڻي سنڌ جون ٻهراڙيون به سنڌين لاءِ پرايون ٿي وينديون، پيپلز پارٽيءَ جا سمورا چونڊيل ۽ اڻ چونڊيل اڳواڻ ان معاملي تي چپ سبيو وينا آهن ۽ اهڙي طرح سنڌ خلاف ٿيندڙ ان زهريلي ڪارروائي ۾ برابر جا شريڪ آهن، سڄي سنڌ ائين ڪڏهن به اڳ ۾ يرغمال نہ ٿي هئي جيئن هن وقت ٿيل آهي.

اهو سڀ ڪجهه ان ڪري ٿيي رهيو آهي، جو سنڌ جون مزاحمتي قوتون ڪمزور آهن. انتها وارن ڏينهن ۾ به سنڌ جي مزاحمت ڪڏهن ايڏي هيٺي نہ ٿي هئي، هڪ پاسي سنڌي اخبارون ۽ ٽي وي چينلز،سنڌ سان ٿيندڙ انهن زيادتين تي چوويهه ڪلاڪ رڙيون ڪرڻ ۾ رڌل آهن ۽ سڄي سنڌ ۾ شديد بيچيني آهي، پر ٻئي طرف اسيمبلي توڙي اسيمبليءَ کان ٻاهر سنڌ جي حقن لاءِ جدوجهد جون دعويدار قوتون عملي طور ڪو به اهڙو تحرڪ پيدا نہ ڪري سگهيون آهن، جنهن سان حڪومت کي ڪو تاءُ محسوس ٿئي، اسيمبليءَ ۾ وينل مخالف ڌر جي مخالفت ۽ حمايت جو محور سنڌ نہ، پر اقتدار ۾ ڀائيواري آهي، روايتي وڏيرڪي سياست ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ ڪا سنڌ جي حالتن بابت دانهن ڪوڪ ٻڌڻ ۾ ايندي آهي، پر ان جي اجازت بہ ڪين تيستائين مليل آهي، جيستائين سندن وڏا پاڻ ۾ ٺهيل نہ هجن. جيڪڏهن سينيٽ جي سيٽن ۽ ٻين معاملن تي راضپو ٿي ويو تہ پوءِ اها رڙ ۽ واڪو بہ ٻڌڻ ۾ نہ ايندو. باقي اسيمبليءَ کان ٻاهر اهم ڌريون آهن، سنڌ جي جيئڻ مرڻ جي مسئلن تي سدائين جدوجهد ڪنديون رهيون آهن. بدقسمتيءَ سان انهن ڌرين جي ثابت قدم نہ رهڻ سبب انهن مان اڪثر



ڌريون ان رد ٿيل وڏيرڪي ٽولي جي موسمي سرگرمين ۾ شامل ٿي، پنهنجون توانايون وڃائي ٿيون، جن مان سنڌ کي ڪجهه بہ هڙ حاصل ناهي ٿيڻو. ڪجهه ٻيا دوست انهن همراهن کي ڪاڄن جي مکيہ ڪرسين تي ويهارين ٿا، جن کان سنڌي ماڻهو دل و جان سان نفرت ڪن ٿا.

پيپلز پارٽيءَ مان ماڻهو بيزار ضرور آهن، پر ان جي متبادل طور انهن ماڻهن کي چڱو مڙس ٿيندي ڏسڻ لاءِ تيار ناهن، جن ماضيءَ ۾ سنڌ کي ٽڪي سير ڪري نيلام ڪيو هجي. قومپرست ڌرين جي انهن غلط فيصلن، جدوجهد بابت تنقيد تي عدم سهپ ۽ ڪمزور سماجي ڪردار سبب عام ماڻهن ۾ شديد مايوسي پکڙيل آهي، اها بدقسمتيءَ جي ڳالهہ آهي تہ جڏهن سنڌ واسي سنڌ جي مسئلن تي جدوجهد جو حصو بنجڻ لاءِ تيار آهن، تڏهن ڪين قيادت ڏئي سگهندڙ ڌريون قيادت جي صلاحيت ۽ عوام جو اعتماد وڃائي ويٺيون آهن، سنڌ جي ان ڪمزور عوامي مزاحمت ۽ سياسي قيادت جي خال جو ڀرپور فائدو پيپلز پارٽي وٺي رهي آهي، سنڌ هنن کي بنا چوڪيدار واري اميراڻي گهر جيان ملي، جتان جيترو مال ڪڍڻ چاهين، بنا رنڊڪ جي ڪڍي رهيا آهن، ڪرپشن، لاقانونيت ۽ وسيلن جي ڪٽ واري ڪاروبار ۾ حڪمران ٽولو تہ ارب پتي ٿي ويندو پر سنڌ تباهيءَ جي اونهي کڏ ۾ پورجي ويندي، اختيار ڏٽي جيڪڏهن رڳو سنڌ جي مالي وسيلن تي هٿ صاف ڪن ها ۽ معاملو ڪرپشن تائين محدود هجي ها تہ شايد ايتري ڳڻتيءَ جي ڳالهہ نہ هئي، پر هاڻي جهڙي طرح سنڌ ۾ بلڊر مافيا کي سهولت ڏني پئي وڃي،ان سان سنڌ ۾ ڌارين آبادڪاريءَ جي اهڙي ٻوڏ ڪاهي پوندي، جو اڄ سنڌي ڳالهائيندڙ رڳو سينيٽ ۾ اقليت ۾ تبديل ٿيل آهن، پر اڳتي هلي سنڌي ڳالهيندڙ سنڌ اسيمبليءَ ۾ بہ ٿورائيءَ ۾ بدلجي سگهن ٿا، ڪرپٽ مڊل ڪلاس ۽ موقعي پرست وڏيرن کي جمهوريت جي نالي تي سنڌ ذاتي جاگير جيان عطا ڪئي وئي آهي، جتي ڪين هر طرح جي ڦرلٽ جي کلي ڇوٽ آهي، انهن حالتن ۾ جيڪڏهن اسلام آباد جي

اسٽيبلشمينٽ پنهنجي مفادن خاطر موجوده جمهوريت جي تڏا ويڙهه ڪئي ته هن ڀيري سنڌ ۾ ڪير به سندن لاءِ رستن تي نه نڪرندو.

سيد عرفان علي شاهه



# موجوده دور جي انسانيت جو الميو

آئون اڄ ڪلهه هڪ ڪتاب پڙهي رهيو آهيان، جنهن جو نالو آهي ”ملڪ ڪيئن معاشي طور تي هڪٻئي سان مقابلو ڪن ٿا “ جيئن ته اڄ ڪلهه سائوٿ آفريڪا معاشي طور تي ڪافي ترقي ڪري رهيو آهي، ان ڪري ڪتاب ۾ ان جو به ذڪر ٿيل آهي. لفظ ” اپارٿيڊ “ مون ڪيترائي ڀيرا پڙهيو آهي، پر ڪڏهن به ڊڪشنريءَ مان ان جو مطلب ڪڍڻ جي ڪوشش ناهي ڪئي، آئون اندازو لڳائيندو هئس ته شاهه جي ايران جي ” ساواڪ “ اسرائيل جي ” موساد “ انڊيا جي ” را “ ۽ روس جي ” ڪي جي بي “ جيان ڳجهي پوليس يا ايجنسي هوندي، جيڪا اتان جي ڪاري رنگ جي رهواسين تي گوري سرڪار ( جيڪا قابض هئي ) جي چوڻ تي ظلم ڪندي هوندي، پر اڄ خبر پئي ته حقيقت ۾ اپارٿيڊ هڪ سسٽم جو نالو آهي، جيڪو اتان جي انگريز سرڪار قانون جي شڪل ۾ لاڳو ڪري رکيو هو جيڪو گورن لاءِ ڪوڙ سارين آسائشن ۽ زندگيءَ جي ضمانت هو ۽ ويچارن اصلي وارثن کي غلاميءَ ۾ تڪليفن کان سواءِ ڪجهه به حاصل نه هو مطلب ته ڪلاس سسٽم هو گورن لاءِ الڳ علائقا، اسڪول، اسپتالون ۽ ٻيون سهولتون ، جڏهن ته ڪارن لاءِ ڪچيون آباديون، ٻيڪار اسڪول ۽ علاج جون سهولتون نه هجڻ برابر هيون!

مون سوچيو هو ته اهو نظام صرف سائوٿ آفريڪا ۾ نه، هر جڳهه موجود آهي، جيئن جيئن منهنجي سوچ وسيع ٿيندي وئي، تڪڙو ئي مون ڪتاب بند ڪري ڇين ۽ پنو ڪنيو لکڻ کان پهريان ئي مون کي هڪ اڻڄاڻ خوف گهيري ورتو ته آئون جيڪو ڪجهه لکڻ چاهيان ٿو، ڇا ماڻهو ان ڳالهه کي پسند ڪندا؟ ڪافي سوچڻ کان پوءِ آئون ان نتيجي تي پهتس ته دنيا ” آهي ۽ ناهي “ ۾ ورهايل آهي. جنهن وٽ ” آهي“ سو ان هجڻ کي پنهنجو حق

سمجهي ٿو ۽ پنهنجي عقل ۾ سمجهداريءَ تي ناز ٿو ڪري تہ اڄ جيڪو ڪجهہ وٽس آهي، اهو سندس حق آهي، جنهن وٽ ناهي، اهو سمجهي ٿو تہ ساڻس زيادتي ٿي آهي ۽ سندس حق انهن ماڻهن قبضي ۾ ونئي ڇڏيو آهي، جن وٽ اهو سڀ ڪجهہ آهي. ۽ ڪنهن بہ طرح، ڪنهن بہ طريقي سان ڪانئن هي سڀ ڪجهہ کسي وٺجي! هي بحث ۽ خواهشون تڏهن کان هلنديون پيون اچن، جڏهن کان هيءَ دنيا وجود ۾ آئي آهي ۽ تيستائين هلنديون رهنديون، جيستائين هيءَ دنيا باقي آهي. ڪڏهن پنهنجي پرپاسي ڪنهن اهڙي شخص کان سوال ڪجو جيڪو سموري زندگي ناانصافي جي ڳالهہ ڪندو آيو هجي ۽ ڪجهہ عرصي ۾ هو ڪنهن بہ طرح ( جائز يا ناجائز ) " ناهي " کان " آهي " ڪلاس ۾ هليو ويو هجي. توهان ڪانئس پڇو تہ هو پنهنجن ڪالهہ وارن خيالن بابت ڇا چوي ٿو ۽ ڇا هو اهو سڀ ڪجهہ سوسائٽي ۾ ورهائڻ لاءِ تيار آهي. ؟

ارڙهين ۽ اڻويهين صديءَ ۾ انگلستان دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن تي قبضو ڪيو. آمريڪا پاران ڪنڌ تي قبضي کان پوءِ ماڻهن انگلستان، فرانس، اسپين، پرتگال کان نارٿ آمريڪا، ڪئنيڊا، برازيل ۽ ٻين ملڪن طرف هجرت ڪئي، جو اڄ توهان شايد ئي اتان جي اصلي رهواسين جي ڪا نشاندهي ڪري سگهو ڇاڪاڻ تہ زمين، ڪلچر، زبان، تهذيب سڀني تي قبضو ٿي ويو. آسٽريليا ڪنهن زماني ۾ انگلستان جو جيل هوندو هو جتي بدنام زمانہ بدمعاشن کي ٻيٽن ۾ وجهي اڇلايو ويندو هو ۽ اڄ توهان کي اتان جي مقامي آبادي " ايب اوريجنس " نالي ماتر ملندي ۽ ان جي زبان بہ تقريبن ختم ئي سمجهو. سائوٿ آفريڪا جو مٿي ذڪر ڪري چڪو آهيان. هندوستان مان انگريز هتان جا خزانا، پنهنجي فيڪٽرين لاءِ ڪچو مال ۽ آفريڪا مان هيرا، سون ۽ پنهنجي ملڪن لاءِ مفت ليبر ( غلام ) ڪٺي ويندو رهيو، اسين بي شڪ چئون تہ انگريز نهري، جمهوري، قانوني ۽ ريل نظام ڏئي ويو پر ان ۾ هڪ ٽڪي جي بہ انسانيت نہ هئي، بلڪ خزاني کي



ڦرڻ لاءِ سنا انتظام ٿيل هئا. جهڙي طرح اڄ ڪلهہ هو اين جي اوز ذريعي اسان جي تعليم ۽ تربيت يا صحت جو خيال رکي رهيا آهن. سرمائيداري نظام ۾ ڪا بہ شئي مفت ۾ ناهي ملندي، هر مفت شئي جي هڪ لڪل قيمت هجي ٿي، جيڪا معاشرا ڪنهن نہ ڪنهن طرح ادا ڪندا رهن ٿا.

دنيا جي ڀلائيءَ لاءِ گڏيل قومن جو ادارو مون کي سلطنت روم جي ياد ڏياري ٿو جتان جا نمائندا علائقي جا زميندار يا بااثر هوندا هئا. جن کي صرف حاڪمن جي مرضيءَ موجب " ها " يا " نہ " ۾ ووٽ ڏيڻو پوندو هو اڄ جي آزاد دنيا ۾ بہ ملڪ آزاد تجارت نٽا ڪري سگهن ۽ ڪو ملڪ پنهنجو نظام نٽو ناهي سگهي، مغرب جي ڏنل جمهوري نظام تي سڀني کان حمايت ورتي وڃي ٿي ۽ ان نظام خلاف ڳالهہ ڪرڻ يا پنهنجي معاشري مطابق نئون نظام ناهڻ غداري جي دائري ۾ اچي ٿو ڪنهن غريب ملڪ کي قرض بہ عوام تي ٽيڪسز، سبسڊيز جي خاتمي، خوراڪ، بجلي ۽ تيل جون قيمتون وڌڻ سان مشروط هجي ٿو.

گڏيل قومن 30 سالن کان وڌيڪ عرصي تائين آفريڪا جي اصل وارثن تي ظلم ٿيڻ ڏنو ۽ پنهنجون اکيون بند رکيون. پنهنجو نظام ناهڻ جي سزا طور ايران سان عراق ذريعي 8 سالن تائين جنگ ٿيندي رهي، پوءِ ان ئي صدام حسين کي تختہ دار تي لٽڪايو ويو. شام جي ويڙهاڪن کي هٿيار ڏئي، پهرين پنهنجي ئي حڪومت سان ويڙهائڻ ۽ پوءِ پنهنجي ويڙهاڪن تي هوائي حملا ڪيا ويا. افغانستان کي پهرين روس خلاف استعمال ڪرڻ ۽ پوءِ انهن ئي مجاهدن خلاف جنگ ڪئي وئي، روس آزاد ملڪن تي چڙهائي ڪري، ايران جي ڪافي حصي کي پنهنجي ملڪ ۾ شامل ڪري ٿو ڇڏي. آزاديءَ کان پوءِ هندستان ڪيترن ئي رياستن جهڙوڪ گووا، سڪم ۽ ٻين آزاد رياستن تي قبضو ڪري، پنهنجي ملڪ ۾ زبردستي شامل ڪيو ۽ نيپال ۽ ڀوٽان جهڙن ملڪن کي پنهنجو محتاج بڻايو. سڪندر اعظم، نادرشاهہ، غزنوي، ۽ منگلو وغيره سڀ انسانيت جي لاءِ دنيا

تي حملي آور نہ ٿيا هئا، ان ڪري وقت جي درٻارين، مذهبي عالمن سندن حق ۾ فتوائون ڏنيون ۽ تاريخدانن سندن شان ۾ قصيدا پڙهيا ۽ لکيا. ڪاروباري ماڻهن جنگ لاءِ خوب مال غنيمت ڏنو ۽ طاقتور ماڻهن ۽ قبيلن انهن جو ساٿ ڏنو انهن ٽن ڪلاسن ملي، دنيا ۾ حڪمراني ڪئي آهي.

يهودي دنيا جي تاريخ ۾ ڪاروباري، تعليم يافتہ ۽ هنرمند ماڻهو پنهنجي قوم خلاف ڪيترين ئي جنگين ۾ بہ مخالفن جا معالج، خزانچي ۽ ٻين عهدن تي مقرر رهيا آهن ۽ دنيا تي اڄ تائين اثرانداز ٿيندا رهيا آهن. دنيا جي هر جاءِ تان مار کائي فلسطين ۾ جنهن طرح سان هي ماڻهوگڏ ٿيا ۽ هڪ نئون ملڪ ٺاهيو ويو ۽ اڄ تائين فلسطين جي عام شهرين کي جهڙيءَ ريت هي بنا سبب جي ماري رهيا آهن، پر ڪانئن ڪو پڇڻ وارو ناهي.يهودي پاڻ کي دنيا جي افضل قوم سمجهن ٿا ۽ دنيا تي حڪمرانيءَ کي پنهنجو حق سمجهن ٿا. ازبڪستان ترڪمانستان ۽ ٻيون آزاد رياستون، منگول ۽ ٻيا آزاد قبيلا،دنيا جا طاقتور ترين ماڻهو رهيا آهن.اهي پاڻ کي ”آرينز “ سڏرائين ٿا، آهستي آهستي هو پوري دنيا ۾ پکڙ جندا ويا ۽ يورپ جي گهڻي آبادي آرينز ئي آهي، ترڪي جي گهڻي آباديءَ جو تعلق بہ هتان سان ئي آهي، جيتوڻيڪ ايران ۾ بہ هيءَ قوم ڪافي تعداد ۾ آباد آهي ۽ ڪافي آرينز هندوستان ۾ بہ آباد ٿيا، ( جيئن آئون پهرين چئي چڪو آهيان تہ پنهنجي زمين ڇڏي، ٻي زمين تي آباد ٿيندڙ قومون ظالم رهيون آهن ) انهن آرينز قبيلي جي ماڻهن هندستان ۾ اتان جو هندو مذهب قبول ڪيو ۽ ان تي قائم ٿي ويا ۽ انهن ئي پنهنجي قوم ۾ ڪلاس سسٽم ٺاهيو ۽ سڀ کان اعليٰ اهي مذهب جا رکوالا بڻجي ويا. ٻيو ڪلاس ليبر ڪلاس آهي، جيڪو هندستان جو اصلي وارث هو جن جي اها زمين هئي، اهي اڇوت ڪلاس ۾ اچي ويا، جيڪي نہ آرين جي مندر ۾ وڃي سگهندا هئا، نہ سندن ٿانون کي استعمال ڪري سگهندا هئا ۽ نہ انهن سان هٿ ملائي سگهندا هئا ۽ اڄ بہ هندستان ۾



اهو ئي ٿي رهيو آهي، توهان کي اهڙا منظر اسان جي سنڌ ۾ بہ ڪٿي ڪٿي نظر ايندا.

ڪٿي رهڻ سان ڪو حقدار تہ نٿو ٿي وڃي، جيئن آئون پنهنجي گهر ۾ رهان ٿو منهنجي مٿان پهرين ذميواريون لاڳو ٿين ٿيون، پوءِ آئون پنهنجو حق جتائي سگهان ٿو. اهڙي طرح جنهن معاشري ۾ اسين رهون ٿا، اتي پهرين اهو ثابت ڪرڻو پوندو تہ اسان هڪ ذميوار شهري آهيون. توهان کي سعودي عرب ۾ ڪافي مغرور ماڻهو نظر ايندا ۽ هو عربي هجڻ تي فخر محسوس ڪن ٿا. مون ڪان جيڪڏهن ڪو اهو پڇندو تہ توهان ڇا آهيو؟ تہ آئون پنهنجي باري ۾ ٻڌائڻ بدران پنهنجي ابن ڏاڏن جي باري ۾ ٻڌائڻ شروع ٿي ويندس ۽ ان تي فخر بہ ڪندس، اهڙي طرح هر عقيدي ۽ مذهب جو پيروڪار پنهنجي عقيدي تي فخر ڪري ٿو ۽ پاڻ کي افضل سمجهي ٿو، توهان ڪنهن بلوچ ڪان پڇو يا ڪنهن سنڌي، پنجابي يا پٺاڻ ڪان، هر ڪو پنهنجو پاڻ کي سڀ ڪان افضل سمجهندي نظر ايندو ۽ ڪنهن ۾ توهان کي عاجزي ۽ انڪساري شايد ئي نظر اچي. هينئر ڪجهہ ڏينهن پهرين ايران ۾ مولا رضا عہ جي روضي تي آئون مجلس ٻڌي رهيو هئس. ذاڪر ( جيڪو ملتان سان تعلق رکندڙ هو ) هن ڏاڍي سٺي ڳالهہ چئي تہ انسان جيترو علم حاصل ڪندو رهي ٿو ان ۾ اوتري ئي عاجزي اچي ٿي. پر پڙهيل لکيل جي اڪثريت پنهنجي علم کي ڪلاس ۾ تبديل ڪري ڇڏي ٿي. توهان پڙهيل لکيل سان ڳالهہ ڪري توهان پنهنجي دوستن ڪان پڇو تہ هو پنهنجي خاندان جي باري ۾ ڪجهہ ٻڌائين تہ ڪو ڪنهن بادشاهہ جي خاندان مان هوندو ڪو دين جي وڏي بزرگ جو اولاد هوندو، حقيقت ۾ اسان سڀني جي اندر ۾ اپارٿيڊ سسٽم موجود آهي، جنهن کي اسين نفس چئون ٿا. انسان جڏهن پنهنجي نفس جي خواهشن جو غلام بڻجي ويندو آهي تہ اهو دنيا ۾ حاصلات جي پويان ڊوڙڻ شروع ڪري ڇڏي ٿو ۽ جنهن وٽ ” آهي “ اهو اڄا

وڏيڪ چاهي ٿو ۽ جنهن وٽ ” ناهي “ اهو امير جو سڀ ڪجهہ حرام جو مال سمجهي، ۽ ان حرام مان پنهنجي لاءِ حصو چاهي ٿو. دنيا ۾ ڪجهہ امير غريب ٿيندا ۽ ڪافي غريب خوشحال ۽ امير ٿيندا، پوءِ بہ ”آهي ۽ ناهي “ جو فرق تا قيامت رهندو.



عاشق مغيري

# اظهار جي آزادي يا چڙواڳي......؟

جيڪڏهن ڪير اهو سمجهي ٿو تہ مغرب جي بعض صحافين قلمي دهشتگردي بدبخت ڪارٽونسٽ اسٽيفن جي ذهني ۽ اخلاقي پستي ۽ غربت جو نتيجو هئي يا آمريڪي پادري ٽيري جونز جي قرآن مجيد جي باري ۾ ديدهہ دهني ان جو محض ذاتي معاملو هئي تہ اها سوچ بلڪل غلط فهميءَتي ٻڌل آهي. اها ڳالهہ وڏي وثوق سان چئي سگهجي ٿي تہ عيسائي توڙي يهودي لابي خاص طور تي يورپ ۽ آمريڪا اسلام جي تقدس کي پائيمال ڪرڻ لاءِ هڪ سوچيل سمجهيل مذموم ايجنڊا تي ڪم ڪري رهيا آهن. ان جو مقصد عالم اسلام کي تشدد ۽ انارڪيءَ جي راهہ تي وٺي اچڻ کان سواءِ ٻيا ڪجهہ بہ ناهي، ڇو تہ آمريڪا ۽ ان جا اتحادي بخوبي سمجهن ٿا تہ مسلم ملڪ،سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ميدان ۾ پس ماندگيءَ جي ور چڙهيل آهن، خودڪار ٽيڪنالاجيءَ آڏو مجبور ۽ بيوس آهن ۽ سياسي توڙي عسڪري سطح تي مسلم دنيا جا ملڪ يورپي ملڪن جي پيٽ ۾ گهٽو پنتي پيل آهن. ان ڪري آمريڪا ۽ ان جا حواري يورپي ملڪ، مسلم دنيا تي پنهنجو سياسي ۽ عسڪري تسلط ۽ برتري قائم ڪرڻ چاهن ٿا. اڪثر ڪري، يورپ جي سرمائيدار مشيني دنيا مسلمانن کي آقا ۽ غلام جهڙن رشتن جي بنڌڻن ۾ ٻڌڻ لاءِ هٿ پير هڻي رهي آهي ۽ ان سڄي ٽڪساٽ ۾ يهودي سرمائيدار ، عيسائي سرمائيدارن جا دست راست بڻيل آهن، نتيجي طور عيسائي ۽ يهودي سرمائيدار پاڻ ۾ ساز باز ڪري اسلامي ملڪن جو گهيرو تنگ ڪري رهيا آهن.

جيڪڏهن باريڪ بينيءَ سان جائزو وٺبو تہ سرد جنگ جي پنجاهہ سالن جي خاتمي کان پوءِ آمريڪي ۽ يورپي ملڪن جي سربراهن توڙي

سرمائيدارن هڪ سوچيل سمجهيل منصوبي جي بنياد تي تهذيبن جي ٽڪراءَ جي اصطلاح ايجاد ڪئي هئي ۽ ان انتشار ڪي جنم ڏيندڙ اصطلاح جو موجد جاپان ڄائو آمريڪي شهري ۽ دانشور فرانسس فڪو يا ما هو جنهن 1992ع ڌاري هارورڊ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهائي دؤران هڪ آرٽيڪل لکيو هو . جنهن جو نچوڙ ۽ حاصل اهو هو تہ مغربي تهذيب ۽ مغربي جمهوريت انساني اجتماعي زندگيءَ جو معراج آهي، ليڪن ٻئي سال 1993ع ۾ فرانسس فڪو ياما جي استاد پروفيسر سموئيل پي هنتنگٽن آمريڪا جي اڪاناميڪل پاليسي ساز فارين افيئرس ميگزين ۾ Clash of civilization جي موضوع تي اٺ جي آنڊي جيڏو هڪڙو ڏگهو ڪالم لکيو هو . جنهن ۾ فڪو ياماجي جوڙيل اصطلاح جي توسيع ڪندي پروفيسر هنتنگٽن مغربي تهذيب، اسلامي تهذيب ۽ چين جي ڪنفيوشين تهذيب جي ٽڪراءَ جو تفصيل سان ذڪر ڪيو هو. بعد ۾ پروفيسر سموئيل پي هنتنگٽن 1996ع ڌاري آلوده هڪ زهر ڪتاب Clash of civilization and remarking of new world order جي نالي سان لکيو هو .

جنهن تي بعد ۾ تبصرو ڪندي نو مسلم ايڊورڊ سعيد چيو هو تہ پروفيسر هنتنگٽن جو مقصد سڄي دنيا تي مغرب جو سياسي ۽ عسڪري تسلط قائم ڪرڻ آهي. اڄ جڏهن موجوده عالمي صورتحال ڪي ڏسجي ٿو تہ ايڊورڊ سعيد جا چيل اهي لفظ ان حقيقت جي چٽي نموني عڪاسي ڪندي نظر اچن ٿا.

اڄ آمريڪا ۽ ان جا اتحادي يورپي ملڪ متحد ۽ منظم طريقي سان انساني حقن جي غيرمحسوس طريقي صف بندي ڪري رهيا آهن، ليڪن بدنصيبي اها آهي تہ آمريڪا ۽ يورپي ملڪن جو سرمائيدار طبقو مسلم ملڪن جي حڪمرانن ۽ ميڊيا ڪي ڊالر جي چمڪ تي خريد ڪري، پنهنجو اتحادي ۽ همنوا بنائڻ ۾ پوريءَ طرح سوڀارو ٿي چڪو آهي. چارلي هيبڊو جي دفتر ۾ توهين آميز خاڪن جي رد عمل ۾ ٿيل حملي تي ساڙس يڪجهتيءَ جو اظهار ڪرڻ وارن ملڪن ۾ اردن، ترڪي، فلسطين، الجزائر،



تيونس، الجيريا، متحده عرب امارات، نائيجيريا، مصر ۽ ماليءَ جي صدرن، وزير اعظمن ۽ وزير خارجائن جي شموليت حيرت جوڳي ڳالهہ آهي. جڏهن تہ اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي صدر مملڪت ممنون حسين گستاخان رسول صہ جي بد انجاميءَ تي هڪ ڏک ڀريو خط تعزيت طور مارجي ويلن جي خاندانن ڏانهن لکي، فرض ادائيءَ جو پڻ مظاهرو ڪيو. پاڪستان جي دفتر خارجہ طرفان بہ فرانس سان يڪجهتيءَ جي اظهار جو حق فوري طور ادا ڪيو ويو . جڏهن تہ مسلم ملڪن جي سربراهن جي پيٺ ۾ پيرس واقعي بابت هڪ غير مسلم معروف آمريڪي ڪالم نگار ٽام پليٽ 13 جنوري 2015ع واري خليج ٽائيمز جي ايڊيٽوريل پيج تي ملعون فرانسيسي ڪارٽونسٽ اسٽيفن جي باري ۾ " ميڊيا جو پاڳل ماڻهو " جي عنوان هيٺ هڪ ڪالم لکيو.جنهن ۾ ٽام پليٽ چارلي هيبڊو جي ڇڙواڳ ڪارٽونسٽ اسٽيفن جي باري ۾ چٽيءَ طرح لکيو آهي تہ چارلي هيبڊو جو سمورو ايڊيٽوريل بورڊ ۽ ڪارٽونسٽ اسٽيفن حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم جهڙي عظيم رهنما جي توهين جا مرتڪب هئا ۽ سندن مقصد اسلام جي تقدس کي هدف بنائڻ هو ۽ اڄ آمريڪا توڙي ان جا مسلم ملڪن ۾ اخلاقي پستي جو سوائن فلو پکڙي رهيا آهن ٽام پليٽ غيرمسلم ٿي ڪري پيرس ۾ موجود چارلي هيبڊو جي گستاخانا حرڪتن کي مسلمانن تي جذباتي ڊرون حملو قرار ڏنو آهي پر افسوس اهو آهي تہ مسلم ملڪن جي حڪمرانن ۾ ايتري چوڻ جي بہ جرئت ڪا نہ ٿي سگهي.

جيڪڏهن پيرس واري واقعي جو سنجيدگيءَ سان پيرو کڻبو تہ اهو پيرو سڌو سنئون نومبر 2011ع ۽ سيپٽمبر 2012ع واري فرانس جي ويڪلي اخبار چارلي هيبڊو جي ان اشاعت طرف وڃي ٿو . جنهن ۾ ( نعوذ باالله ) پاڪ پيغمبر صلي الله عليہ وسلم جا توهين آميز خاڪا شايع ڪيا ويا هئا، جيڪي انتهائي گستاخانا هئا. ليڪن اهو سلسلو اتي ئي دنگ نہ ٿيو . بلڪ هتڪ آميز خاڪن جو اهڙو سازشي سلسلو بدستور جاري رهيو. جنهن جي نتيجي ۾ سڄي دنيا جي مسلمانن جي شديد ترين دل آزاري ٿيندي رهي. جڏهن گستاخانا خاڪن جو اهڙو سلسلو صبر ۽ برداشت جون حدون اورانگهي چڪو تہ 8 جنوري 2015ع تي چارلي هيبڊو جي

ايڊيٽوريل بورڊ جي باڊي اجلاس تي حملو ٿيو ، جنهن ۾ چارلي هيبڊو جي ايڊيٽوريل بورڊ جي 12 عهديدارن سميت توهين آميز خاڪا ڇاپڻ وارو منحوس ڪارٽونسٽ اسٽيفن بہ جهنم رسيد ٿيو.

يورپ طرفان پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي ناموس تي رڪيڪ حملن جو سلسلو هڪ ڊگهي عرصي کان وٺي هلندو رهيو آهي. اڄ کان ٽيهارو سال اڳ سلمان رشدي نالي هڪ ڪم ظرف دانشور پنهنجي ڪتاب Satan verses ۾ حضور ڪائنات ﷺ جي اعليٰ مرتبي ۾ گستاخيون ڪيون هيون ۽ ان جسارت عيوض عيسائي ۽ يهودي لابيءَ سلمان رشديءَ کي وڏن انعامن اڪرامن سان نوازيو هو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي دونمبري دانشور سلمان رشدي يورپ جي اکين جو تارو بڻجي ويو هو. ساڳيءَ ريت بنگلاديش جي تسليمہ نسرين جنهن حضور صلي الله عليہ وسلم جي شان ۾ گستاخين ڪرڻ جي حوالي سان مشهوري ماڻي هئي، جڏهن تسليما نسرين ” Dwikhandith “ ۽ ” Lajja “ نالي بہ توهين آميز ڪتاب لکيا هئا تہ يورپ ڪيس خوش آمديد چيو ۽ بي حيائيءَ جي هن صاحب کي بہ مغرب طرفان تحفظ فراهم ڪيو ويو ، اهڙيءَ طرح اردو زبان جي دانشور سيّد سبط حسن جڏهن ” ماضي ڪي مزار “ ” موسيٰ سي مارڪس تڪ “ ۽ ” نويد فڪر “ جهڙيون سيڪيولر تصنيفون لکيو هيون تہ يورپي مشينري ان کي سيڪيولزر ۽ ترقي پسند دانشور طور پذيرائي ڏني هئي ۽ جڏهن روس جي ناول نگار چيخوف حضور صلي الله عليہ وسلم بابت هتڪ آميز ناول ” ايڊيٽ “ لکيو هو تہ ماسڪو پيرس ۽ واشنگٽن ۾ ان گستاخانا تصنيف جون هڪ لک ڪاپيون وڪرو ٿيون هيون ۽ هن سڄي قلمي گدلاڻ ۽ غلاظت پنيان عيسائي ۽ يهودي لابيءَ جو هٿ هيو ، پيرا حاصل مطلب تہ عيسائي توڙي يهودي لابي نہ رڳو صليبي جنگيون ڇيڙيون هيون، پر زبان، قلم ۽ ابلاغي ذريعن سان انهن مسلمانن جي روح تي رنڊا پڻ روڙيا هئا. ساڳئي طريقي سان اڄ عيسائي ۽ يهودي لابيءَ جا دانشور سائنسي ۽ عسڪري ايجادن جي زور تي مسلم تهذيب ۽ قدرن جي تباهيءَ لاءِ مامور



آهن، اڄ يورپين ميڊيا طرفان گستاخانا خاڪن، فلمن، ڪتابن ۽ رسالن جي ڀرما لڳي پئي آهي.

تازي ٿيل پيرس واقعي کان پوءِ يورپ طرفان مسلم دنيا خلاف شديد نفرت جو اظهار ڪيو پيو وڃي ۽ ان واقعي جي رد عمل ۾ مسلم دنيا تي اهو الزام هنيو پيو وڃي تہ مسلمان غير مهذب، انتها پسند ۽ دهشتگرد آهن، جنهن مان فرانسس فڪوياما ۽ پروفيسر سموئيل پي هنٽنگٽن جون تهذيبن جي ٽڪراءَ واريون اڳڪٿيون صحيح ثابت ٿي رهيون آهن. ديني اعتبار سان حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جي شان ۾ گستاخي ايڏو وڏو ظلم آهي جنهن کي ڪو بہ حقيقي مسلمان برداشت نہ ٿو ڪري سگهي. حضور ﷺ جي هتڪ آميز خاڪن کي راءِ جي اظهار جي آزاديءَ جو نقيب سمجهڻ واري يورپي دنيا اڄ پاڻ ان حوالي سان ڪٿي بيٺل آهي؟ اچو تہ ان جو مختصر نموني جائزو وٺون. اڄ يورپ جيڪو پاڻ کي اظهار جي آزاديءَ جو علمبردار ٿو سمجهي، اتي اهو آمراڻو قانون جوڙيو ويو آهي تہ هولو ڪاسٽ بابت يهودي لابيءَ جي اختيار ڪيل مؤقف جي باري ۾ لب ڪشائي ڪرڻ قانوني جرم آهي. سال 2004ع ۾ يورپ جي عدالتن طرفان اهڙي هڪ اشتهار تي پابندي لڳائي وئي هئي، جنهن ۾ هڪ ماڊل بواءِ حضرت يسوع مسيح جي آخري ڪاڏي جي نقالي ڪري رهيو هو. سال 2005ع ۾ يورپي ججن پولڙي جي جنس مان پيدا ٿيندڙ ايڊز وائرس جي روڪٿام لاءِ سجاڳي مهم هلائيندڙ راس موس کي معلوماتي ڪتابچي ۾ عيسائي راهبہ جي تصوير ڏيڻ جي ڏوهہ ۾ پنج سال قيد با مشقت جي سزا ٻڌائي هئي.1994ع ۾ فرانس جي ججن هڪ اخبار ميپلز جي ايڊيٽر کي پوپ ۽ ڪيٿولڪ جي نظرين تي ڪار بند رياستن خلاف آرٽيڪل لکڻ جي ڏوهہ ۾ مجرم قرار ڏئي جرمانو عائد ڪيو هو، خود چارلي هيبڊو پنهنجي هڪ ڪارٽونسٽ فليمنگز کي صدر سرڪوزيءَ جي زال جي اعتراض جوڳي ڪارٽون ڇاپڻ جي ڏوهہ ۾ نہ رڳو نوڪريءَ مان فارغ ڪيو هو ، بلڪ چارلي هيبڊو جي بورڊ طرفان صدر سرڪوزيءَ کان معافي پڻ ورتي وئي هئي. اهڙن ۽ ٻين ڪيترن

ئي مثالن مان خود يورپ طرفان راءِ جي اظهار جي آزاديءَ جي سنگين ڀڃڪڙين جا واضح ۽ چٽا دليل ملن ٿا، جنهن مان ثابت ٿئي ٿو تہ يورپ ۾ راءِ جي اظهار جي آزادي هرگز بہ مطلق ناهي.

اڄ يورپ ۾ هم جنس پرستيءَ کي قانوني تحفظ حاصل آهي. پلاسٽڪ سرجريءَ وسيلي، جنس جي تبديلي ۽ جنسي عضون جي پيوندڪاري ڪا نئين ڳالهہ ناهي، يورپ ۾ شاديءَ جي رسم مڪمل طور تي ختم ٿي چڪي آهي، جنسي بي راهہ روي عروج تي آهي. اگهاڙپ کي ڪلچر ۽ بي حيائيءَ کي تهذيب جو نالو ڏنو ويو آهي، اڪثر يورپين عورتون ڪتن، ٻلن گهوڙن ۽ گڏهن مان جنسي تسڪين حاصل ڪرڻ ۾ اڳيريون نظر اچن ٿيون، هڪ عورت ڏهن ڪان ٻارنهن مڙسن جو بسترو گرم ڪرڻ کي قانون جي بالادستي تصور ڪري ٿي. نقاب ۽ حجاب کي ايام جاهليت جي رسمن سان تعبير ڪيو ٿو وڃي، اڪثر ٻارڙن کي پنهنجي پيءُ جي نالي جي بہ خبر ناهي. يورپ جون عورتون توڙي مرد مختصر لباس پهرين ٿا. انٽرنيٽ وسيلي شادين جو رواج عام ٿي چڪو آهي، جنسي قوت باهہ کي جاڳائڻ لاءِ وياگرا جهڙيون دوائون واپرايون وڃن ٿيون، فحش فلمون رليز ڪرڻ جي حوالي سان يورپ گوءِ کٽي ويو آهي. ڪتي، گدڙ نانگ ۽ سوئر جو گوشت وافر مقدار ۾ کاڌو پيو وڃي. يورپ ۾ جسم فروشي منافع بخش ڪاروبار بڻيل آهي. يورپ جنهن کي مظلوم قومن جي آزاديءَ جو علمبردار ۽ انساني حقن جو نقيب سڏيو وڃي ٿو ، اتي اڄ مسلم دنيا جي تيل، گئس، ڪوئلي ۽ ٻين معدني وسيلن جي ڦرلٽ وسيلي مين ٽف، اسپائينل، هاش پپيز ۽ بل ڊاگ ڪتن جي نسلن جي افزائش تي اربين ڊالر خرچ ڪيا پيا وڃن. اڄ مغربي تهذيب پنهنجي صنعتي ترقيءَ ذريعي ڪلورو فلورو ڪاربن ۽ هيلان گئسن جي گدلاڻ پيدا ڪري اوزون تهن ۾ شگاف وجهڻ جي ذميوار ثابت ٿي رهي آهي، اڄ يورپ جون فيڪٽريون پنج ملين ٽن سلفر ڊاءِ آڪسائيڊ گئس پيدا ڪري، سڄي دنيا جي فضا ۽ ماحوليات کي فالج رده بڻائي رهيون آهن. اڄ سڄو يورپ مهلڪ هٿيارن جي ڍير تي مٿو ڏوئي رهيو آهي ۽ يورپ جي



ٽيڪنالاجيءَ جي توسط سان سڄي دنيا ۾ هٿيار بند جنگيون سرجي رهيون آهن. ڪيميائي ۽ تاجڪاري ٻارڻ تيار ڪيو پيو وڃي، ايٽمي ري ايڪٽرز قائم ڪيا پيا وڃن، جنهن سان انسانيت جو قتل عام ٿي رهيو آهي. ڇا ان جي باوجود يورپ کي انساني حقن جو علمبردار، اظهارراءِ جي آزاديءَ جو نقيب ۽ تهذيب جو علمبردار چئي سگهجي ٿو؟ هرگز نہ......!

محمد ادريس راجپوت

# واڪا ڪرڻ مون وس!

محمد ادريس راجپوت صاحب ممتاز ڪالم نگار آهي، خاص طور پاڻي جي مسئلن تي سندس اڪثر مضمونن ڇپجندا رهن ٿا. صوبن جي وچ ۾ پاڻي جي ڇڪتاڻ جا مسئلا هجن يا سنڌ ۾ زير زمين معدني ذخيرن جا مسئلا، يا ماحولياتي آلودگي جا مسئلا، انهن موضوعن تي سندس لکيل مضمون نهايت معلوماتي ۽ تحقيقاتي هوندا آهن. اهڙن قسم جي ڪالمن تي ٻڌل سندس نئون ڪتاب ”واڪا ڪرڻ مون وس“ جي عنوان هيٺ ڇپيو آهي. هي ڪتاب سنڌ نيشنل اڪيڊمي ٽرسٽ شائع ڪيو آهي. ڪتاب تي تعارف ڪاوش ۾ ڇپيو آهي، جيڪو هيٺ ڏجي ٿو. (ادارو)

(1 ) ڳالهه ڪندا آهن ته هڪڙي بادشاهه هڪڙي سهڻي ۽ نوجوان ڇوڪري کي ٽن همراهن کان سئو فوٽ پري بيهاريو ۽ هنن کي آڇ ڪئي ته، ” جيڪو هڪڙي ٽپي ۾ ڇوڪري وٽ پهچي ويندو، نوجوان ڇوڪري انهيءَ کي انعام ۾ ڏيندو “ انهن ٽن نوجوانن مان هڪڙو فلسفي ٻيو سائنسدان ۽ ٽيون انجنيئر هو، ماڻهن ڏٺو ته فلسفي ۽ سائنسدان ته بيٺا رهيا، پر انجنيئر ٽپو ڏنو، پر هن سئو فوٽن بدران رڳو 5 فوٽ فاصلو طئي ڪيو، تنهن تي بادشاهه فلسفي ۽ سائنسدان کان پڇيو ته ” توهان ڇو ٽپو نه ڏنو؟ فلسفي چيو ته، ” مان ٽپو ڏيڻ بابت سوچيان پيو “ سائنسدان چيو ته، ” مون حساب لڳايو ته هڪڙي ٽپي ۾ 5 فوٽ کان 6 فوٽ مفاصلو طئي ڪري سگهجي پيو ۽ نوجوان ڇوڪري سئو فوٽ پري بيٺي هئي، تنهن ڪري هڪڙي ٽپ ۾ اتي ڪو نه پهچي سگهبو “ بادشاهه انجنيئر کان پڇيو ته ”تو ڇو ٽپو ڏنو؟“ انجنيئر جواب ڏنو ته “ مون به سمجهيو هو ته هڪڙي ٽپي ۾ مان ڇوڪري وٽ ڪو نه پهچي سگهندس، پر مون انهيءَ ڪري ٽپو ڏنو ته فلسفي ۽ سائنسدان جي ڀيٽ ۾ مان نوجوان ڇوڪري جي 5 فوٽ ويجهو ٿي ويندس، ” چون ٿا ته، ” بادشاهه انهيءَ انجنيئر جي سوچ تي ڇوڪري انهيءَ حوالي ڪئي.



(2) چون ٿا ته، ” جڏهن لئنسڊائون پل ٺهي تيار ٿي هئي ته پهرين ريل گاڏي انهي تان لنگهائڻ لاءِ ريلوي جو ڪو ڊرائيور تيار نه هو، انهيءَ ڪم لاءِ سرڪار هڪ عمر قيد جي سزا آيل قيدي کي ريل گاڏي هلائڻ لاءِ چيو، انهيءَ شرط تي ته انهيءَ جي سزا معاف ٿي ويندي، انهيءَ قيدي اهو رسڪ ڪنيو ۽ ريل گاڏي پل مٿان هلائڻ لاءِ ويو ۽ ان کي آزادي ملي.

(3) هڪڙو بادشاهه شڪار ڪرڻ دوران پنهنجي قافلي کان وڇڙي ويو، اڪيلو هو، سو رستو ڀلجي ويو ۽ اڃ اڃي تنگ ڪيس، گهڻي رلڻ کان پوءِ جهنگ ۾ ڏاڙهن جو هڪ باغ نظر آيس، اتي پهچي باغائيءَ کي چيائين ته، مون کي ڏاڍي اڃ لڳي آهي، ڪجهه پيئار، باغائيءَ ڏاڙهون پٽي، ان جو رس ڪڍي، ٺڪر جي هڪ گلاس ۾ ڀري کيس ڏنو، انهيءَ هڪڙي ئي ڏاڙهون سان گلاس ڀرجي ويو، بادشاهه رس پي، پنهنجي اڃ لاٿي ۽ اتي ٿڪ ڀڃڻ لاءِ ليٽي پيو، دل ۾ سوچيائين ته، ” هي ته تمام سٺو آهي، انهيءَ تي ٽيڪس لڳائڻ کپي، ” ڪجهه دير ٿڪ ڀڃڻ کان پوءِ بادشاهه هلڻ جي تياري ڪئي ۽ باغائيءَ کان وري ڏاڙهون جي رس پيئارڻ جي فرمائش ڪئي.باغائيءَ هڪ ڏاڙهون پٽي رس ڪڍيو، پر پوءِ به گلاس نه ڀريو، ٻيو ۽ ٽيون ڏاڙهون پٽي رس ڪڍيائين، پر پوءِ به گلاس نه ڀريو، بادشاهه کي ڏاڍو عجب لڳو ۽ پڇيائين ته ”هي ڇا ٿيو؟ “ اڳي ته هڪڙي ڏاڙهون جي رس سان ئي گلاس ڀرجي ويو هو ۽ هاڻي ٽن ڏاڙهون جي رس سان به گلاس نه ڀريو، باغائي هٿ ٻڌي چيو ته سائين! اهو انهيءَ ڪري ٿيو آهي ته يا ته منهنجي نيت ۾ ڦيرو اچي ويو آهي يا اوهان جي نيت ۾.

(4) ماڻهو ايترا پئسا ڇو ٿا گڏ ڪن. جڏهن ته انهن کي ايترن پئسن جي نه گهرج آهي، نه ئي ايترا پئسا انهن کي پڇاڙيءَ ۾ ڪم اچن ٿا. انهن مان گهڻا اهڙين بيمارين ۾ ورتل ٿين ٿا، جن ۾ هو عام کاڌا کائي نه ٿا سگهن ۽ ڪنٽرول کاڌا کائين ٿا. مثال طور ڪنهن کي شگر آهي ته مٺيون شيون نه ٿو کائي سگهي، جيڪڏهن بلڊ پريشر آهي ته لوڻ نه ٿو استعمال ڪري سگهي، کاڌي کائڻ جو مزو انهن ٻن شين تي مدار رکي ٿو ۽ اهي ماڻهو اهي ٻئي شيون استعمال نه ٿا ڪري سگهن. ڪن کي وري ايتريون ڳڻتيون آهن، جو ننڊ ئي نه ٿي اچي، رڳو انهن ملڪيتن ۽ پئسن کي بچائڻ ۽ وڌائڻ جي ڳڻتي هوندي اٿن. ڳالهه ڪندا آهن ته هڪ بادشاهه جي محل ڀرسان هڪ غريب ماڻهو جي جهوپڙي هئي. بادشاهه کي حڪومتي ڳڻتي ڪري ننڊ نه ايندي هئي، هو سڀ ڪجهه هوندي سمهي نه سگهندو هو ۽ هو غريب ماڻهو ڪجهه به نه هوندي، بي فڪر ٿي سمهي پوندو هو سو پنهنجن ماڻهن کان پڇائين ته، " ڇا ڪجي؟ " هڪڙي وزير مشهورو ڏنس ته، هن کي سئو درهم ڏئي ڇڏيو. " ائين ڪيو ويو. غريب ماڻهو سڄي رات انهيءَ ڳڻتيءَ ۾ سمهي نه سگهيو ته، " اهي پئسا ڪٿي رکان، ڇاڪاڻ ته اهي چوري نه ٿي وڃن." ٻئي ڏينهن هو بادشاهه وٽ حاضر ٿيو ۽ درهم واپس ڪيائين ۽ چيائين ته، " سائين اهي سئو درهم ڇا ڪندس، جن منهنجي ننڊ ڦٽائي ڇڏي آهي." انهيءَ جو سبب مال جي حوس ۽ لالچ آهي، جنهن کي انگريزي ۾ "GREED" چون ٿا. اسان جي نبي حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جن جي هڪ حديث آهي، جنهن جو مفهوم آهي ته " جيڪڏهن هڪڙي ماڻهو وٽ سون جي هڪ ماٿري هجي ته هو چاهيندو ته انهيءَ وٽ ٻي به اهڙي ماٿري هجي. " معنيٰ انساني حوس يا لالچ جي ڪا حد ناهي. هو ڪڏهن به ڪنهن شئي تي راضي نه ٿيندو ۽ اڃا وڌيڪ گهرندو، منهنجي خيال ۾ اها هڪ نفسياتي بيماري آهي. هڪڙو دوست ٻئي دوست کي چئي رهيو هو ته، " يار ايترو پئسو آهي، جو سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته ڪٿي سيڙايان. ڪيتريون فيڪٽريون آهن، ڪيترا بنگلا آهن،



ڪيتريون نئين ڪان نيون گاڏيون آهن؟ پر ٿوري دير ڪان پوءِ چيائين، " پر يارا جنهن ڏينهن نوان پئسا نٿا اچن، طبيعت ڏاڍي اداس رهي ٿي، " معنيٰ سڀ ڪجهه هوندي به اڃا وڌيڪ کپي، انگريزي ۾ چوندا آهن، "Much wants more"

مٿان جا چار اقتباسات انهيءَ ڪتاب جي چار مضمونن مان آهن، جيڪو مون " واڪا ڪرڻ مون وس " جي نالي سان ڪتاب ڇپرايو آهي. اهو ڪتاب "ڪاوش، اخبار ۾ ڇپيل 44 مضمونن تي مشتمل آهي، جيڪي مون سال ڪن واري عرصي ۾ وقت بوقت ڪاوش ۾ لکيا. پاڻي ۽ ٻين سنڌ جي مسئلن تي، مان گذريل اٽڪل 12 سالن کان مضمون لکندو رهان ٿو جن ۾ مقصد سنڌ وارن کي عام فهم ٻوليءَ ۾ صورتحال چٽي طرح واضح ڪرڻ آهي. وري اهي مضمون اخبارن مان سانڍي نٿا رکي سگهجن، جڏهن ته سنو ڪيس وڙهڻ لاءِ ريڪارڊ ضروري آهي. انهيءَ ڳالهه کي نظر ۾ رکي، مان ڇهه ڪتاب اڳ ئي ڇپرائي چڪو آهيان. جيڪي آهن (1) ڪالاباغ ڊيم ۽ سنڌ ۾ پاڻي جا مسئلا (2) درياهه جي دانهن (3) سنڌو جي سار (4) سال 2010 واري مها ٻوڏ ۽ سنڌ جا سور (5) سال 2011ع واري برساتي ٻوڏ ۽ سنڌ جا سور (6) سنڌو تو ۾ ساهه - هي ڪتاب ڄڻ ته سنڌ جي پاڻيءَ جي ڪيس جو ريڪارڊ آهن، جن ۾ سڀ دليل ۽ وضاحتون ڏنل آهن.

"واڪا ڪرڻ مون وس" واري تازو ڇپيل ڪتاب ۾ نون موضوعن جي صورت ۾ 9 باب آهن. پهرين باب جو عنوان آهي، " پاڻيءَ جي ورهاست ۽ ڪوٽ " انهيءَ ۾ 9 مضمون آهن، پاڻي جي ورهاست جا هڪڙا ته صوبن وچ ۾ مسئلا آهن، جن کي بين الصوبائي چئجي ٿو ۽ ٻيا ملڪن جي وچ ۾ آهن، جن کي بين الاقوامي چئجي ٿو انهيءَ ۾ سڀ مضمون بين الصوبائي طرح جا آهن. ٻئي باب جو عنوان آهي، " سکر بئراج " سکر بئراج سنڌ جو قيمتي اثاثو آهي،جيڪو پوڙهو ٿي چڪو آهي، انهيءَ کي وڌيڪ هلائڻ لاءِ بحالي کپي، انهيءَ سان گڏو گڏ توهان ڪيترو به بحال ڪري ڇڏيو هڪ ڏينهن

اهو ختم ٿي ويندو. تنهن ڪري ان جو نئون متبادل ٺاهڻو پوندو. انهيءَ بابت ڪتاب ۾ 6 مضمون آهن. ٽئين باب جو عنوان آهي، ” سيڊا “ يعني سنڌ اريگيشن اينڊ ڊرينيج اٿارٽي، اها في الحال آبپاشي نظام جي ٽن سرڪلن ۾ هنئي وئي آهي، يعني نارا ڪئنال، گهوٽڪي فيڊر ۽ ليفٽ بينڪ. انهيءَ نظام کي لاڳو ڪرڻ مان جيڪي فائدا ٻڌايا ويا هئا، اهي ڏهن سالن کان پوءِ به پورا نه ٿي سگهيا آهن. پر تنهن هوندي به اهو نظام هلي ٿو ڇو جو عالمي بينڪ کان قرض ملي ٿو پيو ۽ اسان جي سياستدانن ۽ ڪامورن کي پئسا ڪپن. هي نظام اسان جي آبپاشي نظام کي برباد ڪري ڇڏيندو. انهيءَ باب ۾ انهيءَ بابت ٽي مضمون آهن، جن ۾ دليلن سان ثابت ڪيو ويو آهي ته اهو بيڪار آهي ۽ ختم ٿيڻ کپي. چوٿين باب جو عنوان آهي، ” وڏا ڊيم “ انهيءَ ۾ اهم ڊيم، جنهن تي سنڌ کي اعتراض آهي، اهو آهي ڪالا باغ ڊيم، جنهن کي مٿيان رکي رکي فوڪس ۾ آڻين ٿا. ڪڏهن ڪو وزير بيان ٿو ڏئي، ڪڏهن پنجاب اسيمبليءَ ۾ ٺهراءُ پاس ڪيو ٿو وڃي ۽ ڪڏهن ڪورٽن ۾ فيصلي لاءِ اپيل ڪئي وڃي ٿي، پر جيستائين سنڌ وارا انهيءَ جي ٺاهڻ تي راضي نه ٿيندا، اهو نه ٿو ٺهي سگهي.

پنجين باب جو عنوان آهي، ” موسمي ڦير گهير“ گرين هائوس گئس جي گهڻي اخراج ڪري، دنيا جو گرمي پد وڌي ٿو پيو جنهن ڪري وڏيڪ پاڻي ٻاڦ بڻجي، فضا ۾ گڏ ٿئي ٿو ۽ نتيجي ۾ موسمن ۾ ڦير گهير ٿئي ٿي. اسان انهيءَ لاءِ جوابدار نه آهيون،پر ترقي يافته ملڪ جوابدار آهن. پر اثر اسان تي پوي ٿو. ترقي يافته ملڪن ۾ به آمريڪا تي تمام گهڻو اثر ٿيو آهي ۽ انهيءَ سلسلي ۾ هو هڪ عالمي معاهدو ڪرائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. جنهن لاءِ هن سال ڊسمبر ۾ هڪ وڏي ڪانفرنس رکي وئي آهي، اها ڪانفرنس فرانس ملڪ جي شهر پيرس ۾ ٿيندي. انهيءَ باب ۾ 4 مضمون آهن. جيڪي مٿين سڀني ڳالهين جو احاطو ڪن ٿا. ڇهين باب جو عنوان



آهي، ” بين الصوبائي ۽ بين الاقوامي مسئلا “ انهيءَ ۾ ٽي مضمون آهن. هڪڙو بين الاقوامي ۽ ٻيو بين الصوبائي. هندوستان پاران ڪشن گنگا ڊيم ٺاهڻ ڪري، پاڪستان جي نيلم جهلم بجلي گهر تي اثر پوندو ۽ ان جي پيداواري صلاحيت 10 سيڪڙو گهٽ ٿي ويندي. اهو مسئلو عالمي ٽياڪڙي ۾ اٿاريو ويو آهي ۽ ان پنهنجو فيصلو ڏئي ڇڏيو آهي. ستين باب جو عنوان آهي، ” ٿر جو ڪوئلو “ انهيءَ ۾ چار مضمون آهن. بجلي جي لوڊشيڊنگ ماڻهن کي ڏکيائين ۾ وجهي ڇڏيو آهي، جنهن کي هڪ سستي، مقامي ۽ اعتباري ٻارڻ سان ختم ڪري سگهجي ٿو. ٿر ۾ اهو ٻارڻ ڪوئلي جي صورت ۾ موجود آهي، جتي 175 ارب ٽن ڪوئلو زمين ۾ پوريو پيو آهي، جنهن کي ڪڍي استعمال ڪرڻ جي ضرورت آهي. انهيءَ کي ڪڍڻ ۾ ڪهڙيون ڏکيائيون آهن ۽ انهيءَ لاءِ اسان ڇا پيا ڪريون، انهيءَ باب ۾ انهن ڳالهين باب ڄاڻ ڏنل آهي. اٺين باب جو عنوان آهي، ” ٻوڏون “ سال 2010ع، 2011ع ۽ 2012ع ۾ - سنڌ وڏين دريائي ۽ برساتي ٻوڏن کي منهن ڏنو جنهن ڪري ان جي اقتصادي حالت خراب ٿي. اينديڙ وقت ۾ به سنڌ کي ٻوڏن کي منهن ڏيڻو پوندو. انهيءَ باب ۾ انهن ڳالهين بابت 5 مضمون آهن ۽ پڇاڙيءَ ۾ نائون باب آهي، جنهن جو عنوان آهي، ” متفرق “ يعني انهيءَ مختلف موضوعن تي 6 مضمون آهن، جنهن ۾ خاص مضمون سوئس بينڪن ۾ رکيل ڪاري ناڻي بابت آهي. مٿي ٻڌايل ڇئن آکاڻين مان چوٿون نمبر اقتباس انهيءَ باب ۾ ڏنل مضمون مان آهي.

مولانا خير محمد نظاماڻي

# سنڌي صحافت جو روشن باب

(ورتل: روزانہ باب الاسلام حيدرآباد, 27 مارچ ۽ 13 اپريل 1947ء)

مولانا خير محمد نظاماڻي صاحب سنڌي صحافت ۾ وڏو نالو آهي. موصوف ڪيترن ئي اخبارن جو ايڊيٽر ٿي رهيو ، روزانہ باب الاسلام ، ”ڪاروان“ مهراڻ ۽ الوحيد وغيره جو . سندس صحافت ڇا هئي؟ اسلام ۽ اسلام جي سربلندي لاء فداڪاري جو نمونو هئي. سندس صحافت وارو دور سنڌي صحافت جي تاريخ جو روشن ترين باب هو. جڏهن تہ اڄ سنڌي صحافت، اسلام ۽ اسلامي قدرن کان باغي ٿي، مادرپدر آزادي، ڪميونزم ، ترقي پسندي، سيڪيولرزم ۽ جدلياتي ماديت جي نظرين کي ڦهلائڻ جو ذريعو بڻجي چڪي آهي. ڪنهن بہ سنڌي اخبار ۾ اسلام جي صداقت جي موضوع تي مضمون تہ نهيو، خط شايع ٿيڻ جي بہ گنجائش نہ رهي آهي. مولانا خير محمد نظاماڻي صاحب جو هي مضمون سنڌ جي درد مند اهل قلم کي للڪاري ٿو تہ هو سنڌي صحافت جي رخ کي بدلائڻ لاء وس آهر پنهنجو ڪردار ادا ڪن. (ادارو)

جولاءِ 1939ع جو زمانو آهي جڏهن مون ” باب السلام “ جي جاري ڪرڻ لاءِ پنهن جي مشهور ٽريڪٽ ” اظهار حقيقت “ جي ٽائيٽل پيج تي هنن لفظن ۾ اعلان ڪيو هو:

باب السلام سنڌ اهو خوش قسمت پرڳڻو آهي,جنهن ۾ ساري هندستان کان پهريائين اسلام جو نور چمڪيو! سنڌ, هندستان جو اهو سڀاڳو پرڳڻو



آهي, جنهن سڀ کان پهريان غازي بن قاسم ۽ مجاهدين اسلام جا پيرا چميا! سنڌ, اهو خوش بخت صوبہ آهي, جنهن ۾ ساري هندستان کان اڳ ” غلبئہ اسلام “ ۽ حڪومت قرآن جو جهنڊو بلند ڪيو ويو! سنڌ اهو تاريخي پرڳڻو آهي, جنهن اسلام ۽ حڪومت اسلام کي ساري هندستان ۾ ڊوڪي وڃڻ لاءِ دروازي جو ڪم ڏنو ! انهي ڪري دنياء اسلام ۾ هن صوبہ کي ” باب الاسلام يعني اسلام جو دروازو سڏيو وڃي ٿو. انهي يادگار ۾ آفتاب پريس حيدرآباد مان 1_ آگسٽ 1939 ڌاري ” باب الاسلام “ نالي سان هفتہ وار اخبار شايع ٿيندي .

اخبار جي پاليسي مسلمانن کي غلبئہ اسلام جو وسريل سبق ياد ڏيارڻ ۽ انهن ۾ سپاهيانہ زندگي پيدا ڪري, سنڌ کي پنهنجي شاندار ماضي وانگر ” باب الاسلام “ بنائڻ آهي. اهي الفاظ پڌائي رهيا آهن تہ ” باب الاسلام “ کي جاري ڪرڻ جا ڪهڙا محرڪ ۽ اسباب هئا ۽ ڪهڙي اها شئي هئي, جنهن مونکي ” باب الاسلام “ کي ميدان صحافت ۾ آڻڻ لاءِ تيار ڪيو اڄ انهن لفظن کي لکئي تقريبا نو سال ٿي ويا آهن ليڪن ” غلبہ اسلام “ جو جنون جيڪو انهي وقت جنهن جي دل ۾ دماغ تي سوار هو, سو اڄ بہ ساڳي طرح سوار آهي ۽ اسلام کي سر بلند ڏسڻ لاءِ منهنجي دل ۾ امنگون ۽ بيقراريون اڄ بہ اهڙي طرح آهن, جهڙي طرح هن کان نو سال اڳ! آءَ ڇا بلڪ مون کي يقين آهي تہ هي مرض جنهن کي بہ لڳو, سو انهي مان ڇٽڻ جو ناهي ۽ هي جنون جنهن تي بہ چڙهيو, تنهنجو وري ” ڏاهو ۽ عقلمند “ ٿيڻ محال آهي!

ڪيترا آهن جي انهي راه ۾ مست الست آهن, ڪيترا آهن جي انهي راه ۾ پنهنجو سڀ ڪجهہ لٽائي دربدر ۽ فقير ٿي چڪا آهن, ڪيترا آهن جي پنهنجي عقل و فرزانگي جي قرباني انهيء دروازي تي ڏيئي چڪا آهن ۽ ڪيترا آهن, جي پنهنجي عيش و آرام, جواني ۽ تندرستي بلڪ پنهنجي پياري زندگي ۽ محبوب حياتي بہ انهي راه ۾ نذر ڪري چڪا آهن!

بنا کردند خوش رسمی بخاک وخون غلطیدن
خدا رحمت کند این عاشقان پاک طینت را!

هي اهڙي قربان گاهہ آهي، جتي وڏي ۾ وڏي قرباني بہ هڪ هيچ ۽ بي قيمت قرباني آهي، ڇاڪاڻ تہ ” قربانگاه “ جي عظمت ۽ بلندي شان جي اڳيان ڪم قيمت انسان جون مالي ۽ جاني قربانيون، عزت و آبرو جون سڀ فدا ڪاريون ڪابہ حيثيت نٿيون رکن! اهو ئي سبب آهي،جو هر انسان مرڻ کان پوءِ اها ئي خواهش رکي ٿو تہ شال وري هن دنيا جو منهن نہ ڏسي، ليڪن شهيد ۽ فقط شهيد“ اها تمنا هر وقت رکي ٿو تہ وري دنيا ۾ وڃي ۽ وري ”قرباني جي دنبي وانگر الله “ جي نام تان صدقي ٿئي، ۽ اهڙي طرح لکين ڪروڙين بار وري جيئرو ٿي، وري وري ڪسي ! دنيا ۾ مرڻ ۽ ڪسڻ کان بڇڙي ۽ نفرت انگيز شئي ڪا بہ ناهي، ليڪن خدا جي راه ۾ مرڻ جو چسڪو جن چکي ڏٺو آهي، تن کي مرڻ ۾ مزو ٿو اچي ۽ وري وري ڪسڻ ۽ قربان ٿيڻ لاءِ واٽون نهاريندا گهمن ۽ پنڌ پڇندا گهمن !

عاشق زهر پياڪ وه ڏسي وهسن گهڻو!

آء اسلام جو غلبو گهران ٿو، زمين جي چپي چپي تي اسلام جو غلبو گهران ٿو، هر انسان ۽ هر انساني جماعت تي اسلام جو غلبو گهران ٿو، ليڪن منهنجي اها خواهش ڪنهن مذهبي تعصب ۽ فرقہ وارانہ ڪٽر پڻي تي ٻڌل ناهي، بلڪ ساري دنيا جي مختلف ڌرمن ۽ مذهبن، مختلف جماعتن ۽ تحريڪن، مختلف ڪانسٽيوٽيشنن ۽ حڪومت جي نظامن کي ” گهري غور “ ۽ ڪامل رواداري سان مطالعي بعد هن نتيجي تي پهتو آهيان تہ انسان ذات جي ڀلائي ۽ فائدو، انسان ذات جي بقا ۽ ارتقا، انسان ذات جي نجات ۽ فلاح انهي رستي ۾ آهي،جو صحراء عرب جي امي پيغمبر پيش ڪيو ۽ انهي رستي ۾ آهي، جنهن جو نالو قرآن جي زبان ۾ ” الاسلام“ آهي.

ان الدين عند الله الاسلام!



انسان پنهنجي عقل تي حد کان وڌيڪ ڀاڙڻ ۽ پنهنجي خود ساختہ حڪومتي نظامن تي هلڻ سان گهڻو ڪجهہ چکيو آهي ۽ اڃا بہ پنهنجي انانيت ۽ پنهنجي عقل تي بيجا ناز جي عيوض گهڻو ڪجهہ چکندو ۽ هر زهر جي چشمي کي آب حيات سمجهي، ان مان ڍڪ ڀريندو . ليڪن بار بار جو موت، بار بار جي بربادي ۽ ناڪاميابي کيس هڪ ڏينهن ضرور هن اقرار ڪرڻ تي مجبور ڪندي تہ هن جيڪي بہ رستا اختيار ڪيا آهن، تن سڀني جي پڇاڙي بربادي ۽ هلاڪت ۽ انسان جي اجتماعي ۽ انفرادي تباهي ۽ موت کان سواءِ ڪجهہ بہ ناهي ۽ انسان ذات لاءِ ڪاميابي ۽ ڪامراني، فلاح ۽ بهودي جو رستو فقط هڪڙو آهي ۽ اهو اهو آهي، جنهن لاءِ پڪاريندڙ هر روز پنج ڀيرا پڪاري ٿو ” حي علي الفلاح حي علي الفلاح.“

” اي انسان! تون هيڏانهن اچ، ڇاڪاڻ تہ فلاح ۽ ڪامراني جو رستو هي آهي!

انسان اڄ ڪلهہ ”ائٽم بم“جي ذريعي جهان جو امن قائم رکڻ جي فڪر ۾ آهي، ڀلي پنهنجو اهو هٿيار بہ آزمائي، ليڪن کيس عنقريب معلوم ٿي ويندو تہ ” ائٽم بم “ امن ۽ سلامتي جو هٿيار ناهي، بلڪ انسان ذات جي موت ۽ بربادي جو هٿيار آهي ۽ امن ۽ سلامتي فقط اسلام جي سام پوڻ ۽ عربي جي پناه ۾ وڃڻ ۾ آهي ۽ بس!

انسان اڄ اسلام ۽ انجي نظام حڪومت کان ڇرڪي ۽ ڀڄي ٿو، پنهنجي انسانيت ۽ عقل تي اجائي ناز ۽ فخر ڪري، اسلام جي دستور ۽ نظام تي فقط هڪ سرسري ۽ مٿاڇري نظر ڪرڻ ۾ بہ پنهنجي حقارت ۽ گهٽتائي سمجهي ٿو . ليڪن عنقريب کيس سندس اها خود سري ۽ خود پرستي انهي اوڙاهہ ۾ هٽندي، جتان نڪرڻ لاءِ اسلام جي پناه پوڻ ۽ اسلام جي دائري ۾ داخل ٿيڻ کان سواءِ ٻيون سڀ واهون بند ٿي وينديون. اهو وقت اچي پيو ۽ نهايت تيز رفتاري سان اچي پيو . تنهن ڪري انهيءَ وقت کي منهن ڏيڻ، انسان کي اسلام جي حقيقي قدر و قيمت سمجهائڻ لاءِ ضروري

آهي تہ هينئر کان ئي اسلام جي تحريڪ کي اهڙي واضح، صاف ۽ دلڪش شڪل ۾ پيش ڪيو وڃي، جو يورپ، ايشيا ۽ آمريڪا جون سڀ قوتون جي هن وقت امن ۽ سلامتي جي غلط اميد ۾ موت سان " هٿاپائي " ڪري رهيون آهن، سي جڏهن هلاڪت ۽ بربادي هٿان شڪست کائي موٽن تڏهن اسلام پاڪ جي آغوش کي پنهنجي لاءِ پناهہ ۽ سلامتي جو قلعو سمجهي، ان ۾ پناهگير اچي ٿين! اگرچ 1_ آگسٽ 1939 ۾ منهنجي خواب جي تعمير نہ ٿي سگهي ۽ منهنجي غربت ۽ مالي مشڪلات مون کي اخبار جي جاري ڪرڻ ۾ تاخير تي مجبور ڪيو. تاهم باب الاسلام آگسٽ 1939ع بدران اپريل 1940ع ۾ شايع ٿي ۽ ضرور شايع ٿي، ليڪن اجا اخبار نڪتي ٻہ هفتا ئي مس ٿيا تہ " سوريءَ سڏ ٿيو " ۽ اسلام جي آبرو لاءِ مونکي اخبار جي ايڊيٽري ڪرڻ بدران جيل خاني جو مهمان ٿيڻو پيو ۽ اخبار منهنجي بدران ٻين دوستن هلائڻ شروع ڪئي. ساڍن نون مهينن جي انڌاري ڪوٺڙي ۽ پندرهن مهينن جي قيد يا مشقت کان پوءِ مون کي ڪنهن طرح جيل مان ڇوٽڪارو مليو ۽ جيل مان نڪرڻ کانپوءِ " باب الاسلام " جون واڳون مون پنهنجي هٿ ۾ ورتيون ۽ مهيني ڏيڍ جي عارضي نظرداري کانپوءِ جوش جنون هڪ وڏيڪ ڌڪو ڏنو. جنهن ڪري آئون هندستان جي زمين بدران سر زمين حجاز ۾ وڃي پهتس!

اهو خداءِ برحق جو فضل آهي، جنهن پنهنجي ۽ پنهنجي حبيب جي گهر مون کي گهرائي ورتو. ورنہ مون جهڙي فقير ۾ اها طاقت ڪٿي هئي، جو اتي پهچي ها ۽ سڄا سارا سوا ٽي سال بيت الله ۽ روضئہ رسول جي پاڙي ۾ رهي ها! زمين پاڪ حجاز ۾ بہ منهنجا منصوبا ۽ سازشون اهي هيون تہ ڪنهن طرح اسلام کي سر بلندي ملي ۽ هندستان جو مسلمان موجوده غلامانہ زندگي مان نڪري، آزاد ماحول ۾ اسلامي تعليم ۽ تربيت جي ماتحت وڌي ويجهي . ليڪن مون کي افسوس سان ٻڌائڻو ٿو پوي تہ انهن سوا ٽن سالن جي عرصي ۾ منهنجي هڪ بہ تجويز ڪارگر ڪانہ ٿي ۽ منهنجو



هڪ بہ منصوبو ڪامياب نہ ٿيو. ڇاڪاڻ تہ اها پاڪ زمين اڄ ڪلهہ ايتري قدر انگريزي سياست ۽ برطانوي سلطنت جي وڪڙ ۽ پيچ ۾ آهي، جو اسان هندستان جا رهاڪو انهي جي مقابلي ۾ گهڻي قدر آزاد ۽ خود مختيار آهيون.

اي بسا آرزو کہ خاک شده!

حجاز جي زمين ۾ اسلام ۽ مسلمانن جي بي ڪسي ۽ بي وسي ڏسي منهنجي دل کي هڪ نئين چوٽ لڳي ۽ منهنجي جگر کي هڪ نئون زخم پهتو. آءِ! اڳ تہ رڳو هندستان جو روئڻو روئيندو هئس، ليڪن اسلام جي غربت ۽ عرب، مصر، ايران، افغانستان ۽ ٻي ساري اسلامي دنيا جي ظاهر ۾ آزادي ۽ باطن ۾ انگريز جي پايہ زنجيري ڏسي هينئر تہ ساري اسلامي دنيا جي مجبوري ۽ محڪومي تي بہ مونکي ماتم ڪرڻو پيو ۽ ڪعبي جي غلاف، چائنٽ ۽ ملتزم کي چنبڙي چنبڙي انهي خانمان برباد وانگر اوڇنگارون ڏيئيون پيون جنهن جو سڀ ڪجهہ لٽجي ويو آهي!

مدتن تائين بيت الله جي دروازي اڳيان نراڙ رڳڙ ۽ لڙڪن جا مينهن وسائڻ کان پوءِ منهنجي اندر مان آواز آيو تہ مون کي هندستان ڇا،بلڪ تمام اسلامي دنيا جي انگريز کان نجات لاءِ وري موٽي پنهنجي وطن وڃڻ گهرجي ۽ وري سنڌ جي صالح ۽ لائق زمين کي باب الاسلام بنائڻ گهرجي، ۽ وري سنڌ ۾ ڪنهن اهڙي حرڪت جو بنياد رکجي جيڪو. غلاميءَ جي زنجيرن کي ڪاٽي ڇڏي ۽ وري اسلام جي نشو و نما ۽ تقدم لاءِ رستو تيار ڪري! وطن ورڻ لاءِ پڪو ارادو ڪري جده جي انگريزي قونصل خاني کي درخواست ڪيم تہ مون کي هندستان موڪلڻ لاءِ انتظام ڪيو وڃي، جنهن تي جواب مليو تہ هندستان جي حڪومت تنهنجي هندستان ۾ داخل ٿيڻ تي بندش وڌي آهي، ڇاڪاڻ تہ جنگ جي موجوده وقت ۾ تنهنجو هندستان ۾ هجڻ خطرناڪ سمجهيو ٿو وڃي.

انهي " خطرناڪي " جو ٻڌي منهنجي حيرت جي حد ئي نہ رهي ۽ دل

ئي دل ۾ چيم تہ ” کيا پدي کيا پدي کا شوربا “ مون جھڙو ڪمزور ۽ بيواهه انسان جنهن تي ڪي اهڙا وقت بہ اچن ٿا, جو وٽس ڪاڻ لاءِ بہ ڪجهہ ڪونهي ۽ تي ئي ڏينهن رڳو زمزم جي خالي پاڻي تي گذارڻو پوي ٿو, تنهن جو هيڏو خوف انگريز جي هن عظيم الشان حڪومت تي ڇو آهي, ليڪن پوءِ سوچيم تہ.

هيبت حق است هيبت دلق نيست !

انهي سال حڪومت هند تان جنگ جو خطرو ذرا گهٽ ٿيو ۽ جرمني جي روس جي مقابلي ۾ هڪ ٻئي پوئيان شڪستون کائڻ ڪري سرڪار برطانيہ جي دل ۾ فتح جي يقيني اميد پيدا ٿي ۽ انهي بي خطر ماحول ۾ هندستان جي ماڻهن کي پورن ٻن سالن کان پوءِ حج جي موڪل ملي. حاجين جي انهي قافلي ۾ ڪيترا اهڙا سنڌ ۽ هند جا بزرگ بہ حج تي اچي نڪتا, جن سان منهنجي شناخت هئي , ۽ جن منهنجي ضرورت حجاز جي بدران هندستان ۾ محسوس پئي ڪئي. انهن دوستن مون کي نهايت اخلاص سان دعوت ڏني تہ آءُ وطن وارن ۽ پنهنجين مشغولين جو ميدان وري هلي سر زمين هندستان کي بنايان, ليڪن منهنجو هندستان ڏانهن هلڻ منهنجي وَس ـَ ۾ ڪونہ هو , بلڪ حڪومت هند جي هٿ ۾ هو , جا هن کان اڳ منهنجي هندستان ۾ داخل ٿيڻ تي بندش وجهي چڪي هئي ۽ منهنجي لاءِ خبر ناهي تہ ڪهڙي گناهہ جي پاداش ۾ منهنجي وطن جا دروازا بند ڪري چڪي هئي.

مون پنهنجن مخلصن جي اڳيان پنهنجي مجبوري جو داستان پيش ڪيوءِ ٻڌايو تہ جيستائين حڪومت هند يا برطانيہ سرڪار مون تان بندش نہ لاٿي آهي تيستائين جهاز ران ڪمپني جو ڪو بہ جهاز مون کي کڻڻ لاءِ تيار ناهي اهڙي حالت ۾ آئون هندستان پهچان سو ڪيئن ؟ منهنجا اهي مهربان جن مان ڪي سياسي ليبر هئا تہ ڪي صوبائي وزارت جا رڪن. انهن اهو مناسب سمجهيو تہ جده جي انگريزي وزير, جو عربي دنيا جي



تقريبا سيني ملڪن جي خارجہ پاليسي جو مالڪ آهي, تنهن کي استدعا ڪن تہ هو حڪومت هند کي سفارش ڪري تہ هو مون تان هندستان وڃڻ جي بندش لاهي, اهو خيال ڪرياهي صاحب فرداً فرداً جده جي برٽش منسٽر کي انهي لاءِ مليا ۽ انهيءَ ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ اهو انهن صاحبن جي صدق دلانہ ڪوشش جو نتيجو آهي, جو مون کي هندستان موٽڻ جي اجازت ملي. انهن صاحبن جي مسلسل ملاقاتن کان پوءِ جده جي برٽش وزير, حڪومت هند سان تارن تي ڳالهايو ۽ ڏيڍ مهيني جي هڪ ٻئي سان خيالات جي ڏي وٺ کان پوءِ آخر حڪومت هند وٽان هڪ تار پهتي, جنهن ۾ ظاهر ڪيو ويو تہ ” هندستان جي حڪومت کي منهنجي هندستان ۾ داخل ٿيڻ تي اعتراض ناهي “ .

اهو اعتراض نہ هجڻ جو ٻڌي مون هندستان جي تياري ڪئي ۽ جده جي برٽش قونصل خاني مان پاسپورٽ تيار ڪرائي, جهاز ران ڪمپني کان ڪراچي جو ٽڪيٽ وٺي حاجين سان گڏ جهاز تي چڙهيس. اسانجو جهاز يارهن ڏينهن کان پوءِ 30 جنوري 1945 تي ڪراچي بندر تي اچي لنگر انداز ٿيو , ليڪن هميشہ جي دستور ۽ عادت جي خلاف هيءَ ڳالهہ ڏسڻ ۾ آئي تہ اسان واري جهاز کي يڪدم پوليس گهيري وئي ۽ مسافرن کي حڪم ڪيو ويو تہ سڀ ڪو مسافر پنهنجو پاسپورٽ پوليس کي ڏيکاري, تنهن کان پوءِ ئي جهاز تان لهڻ جي اجازت ملندي. پوليس کي جهاز ۾ ڪنهن مجرم جي تلاش هئي, ليڪن انهي ڏوهاري پنهنجو پاسپورٽ پوليس وٽ پيش نہ ڪيو, جنهن ڪري پوليس حيران ٿي وئي تہ آخر ڪري سو ڇا ڪري, انهي پاسپورٽن جي ڇڪاس ۽ هماهمي ۾ تقريباً بہ ڪلاڪ لڳي ويا ۽ حاجي ويچارا جي مدت کانپوءِ وطن وري رهيا هئا, سي جهاز کان لهڻ ۽ حاجين جا ملاقاتي بندر تي سندن استقبال لاءِ منتظر, ليڪن هتي تہ پوليس جي بادشاهي هئي, تنهن ڪري ڪنهن جي مجال جو جهاز کان قدم هيٺ رکي. نيٺ ٻن ڪلاڪن جي مٿا ڪٽ کان پوءِ پوليس کي مت آئي تہ اهڙي طرح

مجرم جو هٿ اچڻ مشڪل آهي. تنهن ڪري جهاز تان حاجين کي لهڻ جي موڪل ملي. ليڪن پوليس عملدار هر ڪنهن ڏاڪڻ تي ئي بيٺا، جن نئين سر وري پاسپورٽ تپاسڻ شروع ڪيا ۽ هر حاجي جو چڱي طرح جاچي پوءِ ڪيس لهڻ جي اجازت ٿي ڏنائون. انهن لهندڙن ۾ جڏهن منهنجو وارو آيو تڏهن پوليس جي آفيسر منهنجي پاسپورٽ کي ڏسڻ شرط مون کي ڪٽي ٻانهن مان جهليو ۽ وٺي رڙڪئي ته ”ملي ويو ملي ويو.“

ڇا ملي ويو ۽ ڇو ملي ويو؟ آئون ته حڪومت هند جي اجازت سان جهاز تي چڙهيو هئس ته خود هند سرڪار جده جي سفارت خاني کي تار ڪئي هئي ته ڪيس منهنجي هندستان اچڻ تي ڪو به اعتراض ناهي.

ليڪن پوءِ هلي معلوم ٿيو ته حڪومت هند جي انهي تار جنهن ۾ مون تان هندستان ۾ اچڻ جي بدش لاٿي وئي هئي تنهن جي معنيٰ هئي ”هندستان جي جيل ۾ اچڻ“ تان بندش لهڻ! منهنجي گرفتاري ۽ پوليس آفيسرن جي ”ملي ويو ملي ويو“ ڪان پوءِ حاجين جا بند کليا، پاسپورٽ جي تپاس ختم ڪئي وئي ۽ حاجي ويچارا ڪڙڪندا وڃي بندر تي پنهنجي مٽن مائٽن ۽ دوستن عزيزن سان مليا.

منهنجي گرفتاري کان پوءِ مون کي ڪيا ماڙي جي لاڪپ ۾ وڃي لڪايو ويو ۽ منهنجا دوست جن کي منهنجي هن اوچتي آمد ۽ گرفتاري جي خبر پئي، تن مون کي گهٽو ڳوليو وزيرن ۽ پوليس عملدارن تائين پهچي خبر چار ورتي وئي، ليڪن سرڪار بهادر کي مون کي لڪائي رکڻ ئي مناسب نظر آيو. تنهن ڪري ڪراچي ۾ منهنجن واقفڪارن ۽ دوستن مان ڪو به مون تائين ڪو نه پهتو ۽ هڪ ڏينهن ڪراچي ۾ قيام ڪرڻ ڪان پوءِ ٻئي ڏينهن نهايت خاموشي جي حالت ۾ هڪ پوليس لاري جي اندر چاڙهي مون کي اسٽيشن تي پهچايو ويو ۽ اتان پوليس جي پهري هيٺ ملتان ڏانهن پارسل ڪيو ويو. ملتان ۾ تقريبا پنج مهينا جيل ۾ رکڻ ڪان پوءِ سنڌ جي بعض دوستن جي طلب تي مون کي حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ تبديل ڪيو



ويو، جتي ست مهينا کي ڏينهن جيل ۾ رکڻ کان پوءِ مون کي آزاد ڪيو ويو اهڙي طرح حرمين شريفين کان موٽڻ ڪان بعد ٻارنهن مهينا ٻيا قيد خاني ۾ گذارڻ ڪان پوءِ وطن جي آزاد فضا ۾ مون پير رکيو.

جيل جي مجبور ۽ مظلوم زندگي ۾ پرديس جي فاقہ مستي ۽ دربدري جا ڏينهن اگرچ فولادي عزم وارن انسانن کي به جهڪائي ڇڏين ٿا ۽ وڏن وڏن بلند حوصلہ انسانن کي به بي حوصلہ ۽ پست همت ڪري ڇڏين ٿا، ليڪن اهو خدا جو فضل آهي، جو مشڪلات کان مرعوب ٿي دشمن اڳيان ڪنڌ جهڪائڻ ۽ هار قبول ڪرڻ ڪان هن هميشہ پناهہ ڏني آهي ۽ هر اها مصيبت جا خدا جي راه ۾ سامهون آئي آهي، تنهنجو خنده پيشاني سان مقابلو ڪرڻ جي توفيق ڏني اٿس، ۽ اهڙن ڏکين وقتن ۾ پنهنجي مولا سان منهنجون راز و نياز جون ڳالهيون هنن لفظن ۾ ئي رهيون آهن:

تنهنجي خاطر رنج ۾، پڻ آهي راحت جو مزو.
عيش ۽ آرام آهي، دان تنهنجي نام تان !

جيل جي زندگي اڪثر ذلت ۽ مقهوريت جي زندگي آهي، اتي ڪنهن آزاد خيال ۽ با ضمير انسان جو ڪنڌ مٿي ڪٽي هلڻ نهايت معيوب ۽ گناه جو ڪم سمجهيو ويندو آهي تنهن ڪري هن دنياوي دوزخ جا داروغا يا جيل جا آفيسر هميشہ اهڙن آزاد ضمير ۽ بي خوف و خطر انسانن جا دشمن رهندا آهن ۽ انهن کي سرنگون ڪرڻ لاءِ روز روز نيون ڪڏون ڪڻندا گهمندا آهن. مون کي به پنهنجي جيل جي زماني ۾ اهڙن فرعون مزاج عملدارن سان واسطو پيو ۽ انهن جي مهرباني جي طفيل پورا ساڍا نو مهينا انڌاري ڪوٺڙي ۾ بند رهڻو پيو ۽ مون کي ذليل ۽ بي عزت بنائڻ ۾ انهن ڪا به ڪسر نه ڇڏي، ليڪن انهن جي انهن تمام تڪليفن منهنجي گردن کي ذرو به انهن جي اڳيان نه جهڪايو ۽ مون ڪڏهن به انهن کي رحم جي درخواست نه ڪئي، بلڪ انهي بي عزتي ۽ انهي تڪليف جي اندر مون کي هڪ قسم جو ڪيف ۽ هڪ قسم جو لطف ايندو هو. جنهن ڪري پنهنجي انهي بدبودار ۽ مڇرن

سان پيريل انڌاري ڪوٺڙي ۾ پنهنجي ساٿين سان پنهنجي ڏک جي ڪهاڻي هينئن ويهي جهونگاريندو هئس :

راهه حق ۾ جي وڃي ٿي،
آبرو بيشڪ وڃي،
گهوريو سڀ مرتبو،
۽ مان تنهنجي نام تان.

قيد خانو هن زمين تي نهايت بڇڙي شئي آهي، دوزخ جي تصوير نه سهي، ليڪن دوزخ جو ڪارٽون ضرور آهي،ليڪن قيد جي زماني ۾ ڪڏهن ڪڏهن قيد خانو به محبوب جي ناز جي نشاني نظر ايندو هو ۽ قيد خاني لاءِ هميشه جيڪا نفرت ۽ عداوت هوندي هئي،سا اوچتو محبت ۽ پيار ۾ بدلجي ويندي هئي ۽ آءٌ پنهنجي ڪاري ڪوٺڙي کي بي تاب ٿي چمڻ ۽ اکين سان لڳائڻ لڳي ويندو هئس ۽ هڪ وجد جي عالم ۾ هي شعر منهنجي زبان تي هوندي هو:

مون کي جرم عشق ۾
آهي سزاءِ قيد تي
چو نه اکين تي رکان
زندان تنهنجي نام تان.

اهي شعر منهنجي هڪ نظم جا آهن، جا جيل جي زماني جي يادگار آهي ۽ ملتان جي مصيبتن واري وقت جي نشاني آهي جنهنجو پهريون شعر يا ” شاعراڻي زبان “ ۾ مطلع هي آهي:

قطرو قطرو خون جو
قربان تنهنجي نام تان،
پل فدا ٿئي هي بدن،
۽ جان تنهنجي نام تان!



دل چوي ٿي ته انهي ” پل “ کي ” شل “ سان بدلائي پنهنجي سائين کي سوال ڪريان ته اي مولي!رليءَ جي موت کان رکجان ۽ پنهنجي سهڻي نالي تان صدقو ڪجانءِ ! آءٌ شاعر ڪونه آهيان ۽ نڪي شاعرانه مجلسن ۾ مشاعرن ۾ شريڪ ٿيندو آهيان. اهوئي سبب آهي جو اڄ ڏينهن تائين مون نڪي ڪو تخلص اختيار ڪيو آهي ۽ نه وري ڪنهن طرح تي ڪو شعر ٿي موزون ڪيو اٿم، البت ڪڏهن ڪڏهن سوز و گداز جي ماحول ۾ ڪجهه چئي وهندو آهيان، جنهن کي زماني جي رواج موجب احباب شعر جو نالو ڏيئي ڇڏين ٿا ۽ بس!

انگريز ڪيترو به بڇڙو ۽ انگريز حڪومت ڪيترو به خراب، ليڪن آءٌ پنهنجي باري ۾ انگريز جو بيحد شڪر گذار آهيان جنهن آزمائشن ۽ امتحانن جي چڪي ۾ مون کي پيهي منهنجي عزم ۽ ارادن ۾ پهاڙ جي ثابت قدمي ڏني ۽ انگريز جي امتحاني گهاٽي جي طفيل ڪم از ڪم مون کي پنهنجي پاڻ جي ته خبر پئي آهي پر انگريز جي عذاب ۽ انتظام جي ڪسوٽي تي لڳڻ کان پوءِ گهٽ ۾ گهٽ مون کي هيترو ضرور معلوم ٿي ويو آهي ته منهنجي دل جو سون کرو آهي يا کوٽو ۽ منهنجي ايمان جو جوهر سچ پچ جوهر آهي يا ڪانچ جو ڪو قيمتي ٽڪرو! ( اللهم ثبت قلبي عليٰ دينڪ! )

مون کي يقين آهي ته قومن جون قسمتون خون سان بدلجن ٿيون ۽ قربانين سان بدلجن ٿيون، تنهن ڪري منهنجو ايمان هميشه کان انقلاب ۾ رهيو آهي ۽آئيني جدوجهد جنهن کي ڪانگريس ۽ مسلم ليگ پنهنجو دستورالعمل بنايو آهي، اهو رڳو انگريزي ڊپلو ميسي ۽ برٽش چالبازي جو شاهڪار آهي جنهن جي ذريعي غلام قومن کي سياست جي شطرنج تي شڪست ڏني وڃي ٿي ۽ بس! ۽ غلامي جي زنجيرن کي ذرا ڍگهو ڪيو وڃي ٿو، جنهن ڪري غلام قومون سمجهڻ لڳن ٿيون ته بس هاڻي هو جاڻ ته آزاد ٿيون، ليڪن خود انگريز سمجهي ٿو ته اها زنجير جيڪڏهن پنجن فٽن مان

وڏي پنجاءِ فوت ٿي پئي ته سندس ڪهڙو نقصان آهي، جڏهن ته زنجير جو هڪڙو پاسو سندس هٿ ۾ آهي ۽ ٻيو پاسو غلام ملڪ ۽ غلام قوم جو گردن ۾!

جيل جي پوئين زماني يعني سينٽرل جيل حيدرآباد جي وقت ۾ مون ڏٺو ته هاڻي ته منهنجي سزا پوري ٿي رهي آهي ۽ مون ڏٺو ته منهنجو هاڻوڪو گناه ۽ منهنجي هاڻوڪي سزا قوم جي قسمت بدلڻ لاءِ ڪافي ناهي ۽ اسلام ڪي عروج تي پهچائڻ لاءِ انگريز سان هڪ نئين جنگ ڏيڻ لازمي آهي ۽ اسلام جي غلبي جي راه ۾ وري هڪ اهڙو گناه ڪرڻو آهي، جو اڳيئن کان شديد ۽ سنگين هجي ۽ مسلمانن جي قسمت بدلائڻ لاءِ وري به هڪ سزا ڪاٽڻي آهي جا اڳين سزائن جي مقابلي ۾ زياده سخت ۽ زياده صبر آزما هجي!

اهو گناه ۽ سزا جو تصور ڪندي ۽ الله جي راه ۾ قرباني جا نوان پهه پچائيندي منهنجي دل مان جرم ۽ سزا جو خوف بلڪل هليو ويو، بلڪ دل ۾ هڪ قسم جو شوق ۽ هڪ قسم جي تمنا پيدا ٿيڻ لڳي ته الله جي نالي تي ڪفر جي نظام جو ڪو نئون گناه ڪريان ۽ الله جي راه ۾ سزا جو ڪو نئون مزو چکان!

اهو گناه ۽ سزا جو نئون تصور ڪندي منهنجي دل ٽپا ڏيڻ لڳندي هئي ته آڌي رات جو پنهنجي ڪمري ۾ اٿي وهي رهندو هئس ۽ نهايت بي خودي جي حالت ۾ هن شعر مان بار بار مزو وٺندو هئس.

نه ذوق جرم گهٽيو ۽
خوف عاقبت وڌيو
اڃا_ شوق گناهه آهي،
تڙپ آهي خدا ڪارڻ!

قيد جي ڪوٺڙي، آڌيءَ رات جو وقت ۽ الله جي راه جو مجرم، اهڙي حالت ۾ جيڪو مزو مونکي انهيءَ شعر جهونگارڻ ۾ ايندو هو، انهي جي مون



ڪي ئي خبر! قيد خاني جي تمام تڪليفن، مصيبتن ۽ پابندين جي خوفناڪ نظاري سان گڏ جڏهن مون کي پنهنجو اهو موج وارو وقت ياد اچي ٿو تڏهن دل چوي ٿي ته پکي ٿي وري انهي ڪوٺڙي ۾ اڏامي وڃان ۽ انهي شعر دهرائڻ جو ساڳيو مزو وري وڃي وٺان جو جيل جي زماني ۾ چکيو هئم!

اهو شعر منهنجي انهي نظم جو مقطع يا پويون شعر آهي جا حيدرآباد سينٽرل جيل جي يادگار آهي جنهنجا پهريان ڪجهه شعر هي آهن:

مبارڪ مائرن کي جن
ڄڻيا ٻچڙا خدا ڪارڻ
خدا جي دين ڪارڻ ۽
محمد مصطفيٰ ڪارڻ
سچي جي سٽ ۾ سونهن
سي ۽ مرڪن مصطفيٰ اڳيان
نياپا ناز سان نازڪ
ته جن ڪنهن ڪربلا ڪارڻ
دنالين جي ڏڪن سامهون
بهادر بيهڻا آهن
ملائي موت سان اکيون
حبيب ڪبريا ڪارڻ!

منهنجو ايمان هميشه خون جي قرباني ۽ سر جي سودي ۾ رهيو آهي ۽ مون کي يقين آهي ته جنهن ڏينهن منهنجي قوم جا نوجوان رت سان راند ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويا، تنهن ڏينهن امت جو ٻيڙو پار آهي ۽ قوم جي غلامي جون زنجيرون ڪچي ڌاڳي وانگر ٽٽي وڃي پري پونديون، اهوئي سبب آهي جو مون پنهنجي مشهور دعا ۽ نظم " خدا جي حضور ۾ " الله پاڪ وٽ اهو عرض هنن لفظن ۾ ڪيو آهي:

تن بيجان ملت ۾
خدايا جان پيدا ڪر
مسلمانن جي دلين ۾
اڳيون ايمان پيدا ڪر
نہ موج آهي، نہ جوش آهي،
نڪي هيجان ٿو ڏسجي
وري هن بحر خوابيده
۾ ڪو طوفان پيدا ڪر
سرن تان آسرا لاهي
جي ڪيڏن خون جي بازي
جوان اهڙا ۽ اهڙا
قوم تان قربان پيدا ڪر

اگر اها نظم گهڻو وقت اڳي جي آهي، ليڪن خاڪسار تحريڪ ۾ شامل ٿيڻ ۽ خاص ڪري خانيوال جي خوني واقعي کي پنهنجي اکين سامهون ڏسڻ ڪري ڪوٽڙي جي هونهار جوان حافظ رڪن الدين شهيد عليہ الرحمتہ جي مظلومانہ شهادت کي روبرو ڏسڻ ۽ سندس مرڪندي ۽ خنده پيشاني واري موت کي ڏسڻ ڪانپوءِ منهنجي تمام ظاهري قرباني، خون ۽ شهادت جي رنگ ۾ رنگجي ويئي آهي. شايد اهو منهنجي پياري ساٿي شهيد في سبيل الله رڪن الدين غازي جي خون جو رنگ آهي، جو منهنجي هر نظم تي چڙهي ويو آهي. چاڪاڻ تہ خانيوال جي واقعي، ۽ منهنجي ۽ منهنجي ساٿين جي گرفتاري ڪانپوءِ جيڪا بہ نظم منهنجي ناموزون طبيعت موزون ڪئي آهي تنهن ۾ گهڻو ڪري شهادت، قرباني ۽ خون جو ذڪر ضرور ڪن نہ ڪن لفظن ۾ هوندو ئي هوندو.

مثلاً ڪنهن نظم ۾ هي شعر هوندا.



ضرورت وادي بطحا کي
آهي خون مسلم جي
لباس سرخ ٿو گهرجي
حرم جي ڪوهسارن کي
شهادت گاه ۾ حورون تہ
تہ وقف انتظار آهن
اجا بازي لهو سان
ڪيڏڻي آهي هزارن کي

۽ ڪٿي وري هنن لفظن ۾ خون جي قرباني جي ضرورت ظاهر ڪئي وئي هوندي.

لبن تي آه خاموشي
۽ دل ۾ آرزو آهي
مسلمان کي دوام
زندگي جي جستجو آهي
حرم جي ساده تعمير
۾ ناهي دير ڪا ليڪن
ضرورت جنهن جي آهي
سو شهيدن جو لهو آهي
سو بختان عالم کي
وجي پيغام منهنجو ڏيو
لباس سرخ جو پائي
اهوئي سرخرو آهي.

مطلب تہ رڪن الدين شهيد جي شهادت ڏسڻ ڪانپوءِ مون کي يقين ٿي ويو تہ قوم جي قسمت شهيدن جو خون بدلائيندي ۽ مجاهدن جون قربانيون

بدلائيندڙن ۽ آئيني قسم جون سڀ حرڪتون جيڪي ليگ يا ڪانگريس جي نالي ۾ هلي رهيون آهن، سي انگريز جو هڪ فريب ۽ جادو آهن، جن مان ڪوڙي بہ ڪانہ ملندي ۽ ويول جو ورود هجي يا مائونٽبيٽن جي تشريف فرمائي، اهو سڀ انگريز جي نئين بازيگري آهي بس! ۽ انگريز ڪميشنن، مشن ۽ ولرائن جي ردو بدل جا نوان پولڙا نچائي هندستانين جي آئين پرست سياستدانن کي بيوقوف بنائي رهيو آهي ۽ بس ليڊرن جي ليڊري تسليم ڪري هندستان جي هندو ۽ مسلمان کي بيوقوف بنائي رهيو آهي. ملڪ کي انقلابي سياست آزادي جي حقيقي حرڪت کان روڪي رهيو آهي ۽ بس!

اڄ جڏهن باب الاسلام جي پهرين دور يا شروعات واري وقت کي تقريباً نو سال گذري چڪا آهن، تڏهن وري باب الاسلام پنهنجي ماضي جي داستان کي دهرائڻ، اسلام جي غلبي ۽ مسلم قوم جي عروج لاءِ سنڌ جي ميدان ۾ هڪ روزانہ اخبار جي صورت ۾ ظاهر ٿي چڪي آهي، باب الاسلام هڪ غريباڻي اخبار آهي، جهڙي طرح هڪ غريباڻي گهر ۾ فقر ۽ فاقي جو هجڻ ضروري آهي تهڙي طرح هن غريب اخبار جي ناظرين کي بہ اخبار جي هلائيندڙن جو قصور نہ آهي ليڪن منهنجو فقر، منهنجي مالي پريشان حالي اخبار جي گاڏي گهلڻ ۾ ڪافي رڪاوٽ جو سبب آهي.

ڪڏهن ڪاغذ موجود نہ آهي تہ ڪڏهن ٽڪلين جو معاملو درپيش آهي، اهوئي سبب آهي جو اسين ناظرين ڪرام جي شوق کي دلي خواهش هوندي پورو ڪري نٿا سگهون، مون کي يقين آهي تہ باب الاسلام جا خريدار ۽ باب الاسلام جا ناظرين ايترا تنگ دل ۽ ٿوري گجي وارا نہ آهن جو اسان جن ڪوتاهين کي نظر انداز نہ ڪن.

باب الاسلام هڪ انقلابي اخبار آهي قوم کي انقلاب جي راهہ تي هلائي، قوم جو ٻيڙو پار ڪرڻ گهري ٿي تنهن ڪري هن جو هن فقيرانہ شان ۾ هلڻ هن لاءِ عيب نہ آهي، بلڪ اها ڳالهہ ظاهر ڪري رهي آهي تہ باب اسلام هر سرمايہ دار جي امداد کان بي نياز آهي هر دولتمند جي پٺ پرائي کان بي پروا آهي.

جيڪي اخبارون ڪن دولتمندن يا حڪومت وقت جي ڳجهي امداد جي زور تي نڪرن ٿيون سي برابر ظاهر ۾ شاندار آهن ۽ ڏسڻ ۾ ڀپيڪيدار



آهن ليڪن انهن جي اندر ۾ قوم جي صحيح رهنمائيءَ جي بدران پنهنجي سرپرست سرمايدارن ۽ انگريز جي پاليسي جو وڏيڪ خيال هوندو آهي.

خدا جو شڪر آهي تہ باب الاسلام هڪ غريب اخبار آهي ۽ ان جو هلائيندڙ بہ هڪ غريب آهي ليڪن ضمير فروش نہ آهي.

آءٌ بہ جيڪڏهن پنهنجي ضمير ۽ ايمان کي وڪڻان ۽ پنهنجي اخبار کي ڪنهن پارٽي جو ڊنڊورچي بنايان تہ مون کي يقين آهي تہ ايمان فروشيءَ جي هي تيز بزار جتي هرگرو گنجو لڪندڙ اگهامي وڃي ٿو اتي منهنجي بہ ڪانہ ڪا قيمت نڪري پوي ۽ منهنجي اخبار جو بہ ڪو نہ ڪو سستو يا مهانگو گراهڪ ٿي پوي ليڪن مون پنهنجي ايمان ۽ ضمير کي خدا جي امانت سمجهي مسلم قوم جي بهتريءَ لاءِ استعمال ڪرڻ جو عهد ڪيو آهي.

دنياوي نڪتہ نظر کان اگرچ اهو سودو سراسر نقصان آهي ليڪن انهي خساره واري تجارت مان من منهنجي آخرت آجي ٿئي ۽ منهنجي هن بدحال قوم جي ڪا بگڙي بنجي! آءٌ اخبار فروش آهيان نہ ضمير فروش_ آءٌ گهران ٿو تہ باب الاسلام هر مسلمان جي گهر ۾ پهچي ۽ مسلمان باب الاسلام جي صحيح جذبات ۽ حقيقي مقاصد کي سمجهي هن جي پٺ پرائي ڪن.

اگر چہ آءٌ گهران ٿو تہ باب الاسلام جو هڪ هڪ خريدار ۽ قدردان ۽ هڪ هڪ پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ هن جي خريدار وڌائڻ جي ڪوشش ڪري ۽ هنجي مالي حالت کي مضبوط ڪرڻ ۽ منهنجو ساٿ ڏئي ليڪن باب الاسلام مان منهنجو مقصد فقط اخبار فروشي نہ آهي ۽ بي مقصد اخبار نويسي نہ آهي آءٌ گهران ٿو تہ باب الاسلام جا قدر دان باب الاسلام سان عملي رفاقت ڪن ۽ باب الاسلام جيڪو صحيح سياست جو رستو مسلمانن جي اڳيان پيش ڪري، انهن کي سر بلند بنائڻ گهري ٿي انهيءَ تي هڪ معزز رفيق ۽ غمگسار ساٿي ٿي هلڻ جي بہ تڪليف گوارا فرمائين.

جيڪڏهن منهنجن دوستن مون کي هڪ لک خريدار پيدا ڪري ڏنا جي مون کي ايتري خوشي نہ ٿيندي جيتري مون کي هڪ سؤ ساٿين مان ٿيندي، جيڪي خدا جي راهہ ۾ منهنجا رفيق بنجن ۽ مسلمانن جي بگڙي بنائڻ لاءِ مرڻ گهڙي تائين منهنجو ساٿ ڏين، جيڪڏهن مون کي اهڙا

مضبوط ارادن وارا رفيق ملي ويا تہ پوءِ خدا ۾ يقين آهي تہ اسان جو قافلو جو هڪ بي غرض فقيرن جو قافلو هوندو سو ضرور منزل مقصود تي پهچندو ۽ شيطان جي پئسي جي ڏيڌ تي کھڙيون بہ وڏي ۾ وڏيون جماعتون سندس راه ۾ رڪاوٽون وجهي نہ سگهنديون ڇاڪاڻ تہ خدا سچن جو ساٿي آهي.

نگاه شوق دل زنده کي
تلاش مين هي
شکار مرده سزاوار شاهباز نهين!

( روزانہ باب الاسلام حيدرآباد 28 مارچ 1947 کان 13 اپريل 1947ع تائين ).



محمد موسيٰ ڀٽو
عنايت الله مهر

# نفس ۽ ماديت خلاف جنگ ۾ ذڪر جو ڪردار

## جديد طبقي ۾ شريعت کان آزاد، روحانيت جي طلب ۽ چاهت

اسان وٽ جديد تعليم يافتہ ماڻهن جو هڪ طبقو اهڙو آهي، جيڪو پنهنجي آزاد خيالي، سيڪيولر ذهنيت، تعليم، تربيت ۽ ڪجهہ نفسياتي مونجهارن جي ڪري ۽ ٻيو تہ ميڊيا ذريعي روحانيت جي عالمي سطح جي نمائندن جي مشاهدي جي ڪري چاهي ٿو تہ تصوف ۾ ڪين سندن ذهني پس منظر واريون شخصيتون ملي وڃن. جيڪي روحانيت واريون بہ هجن تہ شريعت جي پابندين کان بہ آجيون هجن. انهن سان تعلق ٿئي تہ جيئن ذهني دٻاءُ ۽ نفسياتي الجهنون گهٽ ٿين ۽ ضمير جي خلش بہ ڪنهن حد تائين دور ٿي سگهي.

اها خواهش ۽ چاهت ماڊرن طبقي ۾ آهي. ان جي تسڪين لاءِ بزرگ نما اهڙيون شخصيتون بہ سامهون آيون آهن، جيڪي ماڊرن لباس ۾ ۽ ماڊرن ڇهري سان ميڊيا تي اچن ٿيون. ورد وظيفن جي ملڪي، رسوخ، نگاهن جي خاص شيءِ تي ڄمائڻ جي مشق ۽ جفر ۽ نجوم جي علمن ۾ مهارت جي ڪري، ڪين ڪجهہ تسخيري قوت، تصرف جي سگهہ ۽ اڳواٽ احوال ٻڌائڻ جي صلاحيت بہ حاصل ٿي وئي آهي، ان جو بزرگيءَ سان ڪوئي تعلق ناهي، اها شيءِ هندو يوگين ۽ عيسائي راهبن کي بہ حاصل ٿي ويندي آهي. جديد طبقي جا ڪي ماڻهو اهڙي ٽائيپ جي بزرگ شخصيتن سان تعلق رکندا آهن، ڪي انهيءَ ڪوشش ۾ رهندا آهن.

پر اهو نڪتو آڏو رکڻ ضروري آهي تہ تسخيري قوتن يا ماڻهن جي حالتن ۾ وقتي تبديلي ڪرڻ ذريعي فرد ۾ وقتي طور تي ڪشش تہ پيدا ٿي

وجي ٿي، ليڪن تحت الشعور يعني باطن ۾ موجود مانگر مڇن ڪان نجات نٿي ملي. ڇاڪاڻ جو ان جو طريقو هڪ ئي آهي آهي ”ڪثرت ذڪر ۽ اهل الله جي صحبت“ آهي.ان سان هوريان هوريان پراڻين فاسد عادتن ڪان نجات ملي ٿي، اها شيءِ اسلامي شريعت تي عمل ڪانسواءِ ممڪن ڪونهي. اسلامي تعليمات ۾ جيڪو اصل روح آهي.اهو هي آهي ته ان سان فردن جي زندگي صالحانه زندگي بڻجي ٿي انفرادي ۽ اجتماعي زندگي انسانيت جو پاڪيزه نمونو بڻجي وڃي ٿي.

ذڪر ۽ اهل الله جي صحبت جون خاصيتون هي آهن ته ان سا فرد الله ۽ ان جي رسول جي اطاعت لاءِ تيار ٿين ٿا سندن زندگيءَ تي الله جو رنگ (صبغة الله) غالب ٿي وڃي ٿو.

قرآن هيءَ ڳالهه واضع ڪري ٿو.

ان الدين عندالله الاسلام “ (الله وٽ قابل قبول دين اسلام ئي آهي).

ومن يبتغ عير الاسلام دنيا فلن يقبل منه .

(جيڪو شخص اسلام ڪان هٽي ڪو دين اختيار ڪندو اهو هر گز قبول نه ڪيو ويندو)

ثم جعلناک عليٰ شريعة من الامر فاتبعها ولا تتبع اهواء الذين لا يعلمون

( پوءِ اسان توهان کي شريعت جي کلي رستي تي گامزن ڪيو ته انهيءَ رستي تي هلو ۽ نادانن جي خواهش جي پيروي نه ڪيو)

انهن آيتن ۾ اسلامي شريعت ڪان علاوه ٻين طريقن کي مڪمل طور ٿي رد ڪيو ويو آهي .

دين جي بزرگن جي هميشه امتيازي خصوصيت ئي شريعت جي هر حڪم تي عمل پيرا ٿيڻ ۽ هر سنت سان عشق جي حد تائين محبت هجڻ آهي. اها اسان جي تاريخ آهي، اهو اسان جو تسلسل آهي، ان ڪري انهيءَ تسلسل ڪان هٽي بزرگيءَ جو ڪوئي نئون معيار قابل قبول ناهي.



### انساني نفسيات ۽ نفسياتي بيمارين بابت ماهرن جو سطحي تجربو ۽ مشاهدو

نفسياتي بيمارين جي باري ۾ جديد نفسيات جو چوڻ آهي ته ان جو سبب ٻچپن جا احساس ۽ جذبات آهن. ٻچپن ۾ جيڪي غيرفطري احساس ۽ جذبات لاشعور ۾ جمع ٿيندا رهن ٿا، تن جو بروقت تدارڪ نه ٿيڻ جي ڪري اڳتي هلي، اهي سمورا احساس نفسياتي ۽ جسماني بيمارين جي صورت اختيار ڪري وٺن ٿا.

جديد نفسيات، تحليل نفسي جي ذريعي انهن احساسن جي ازالي جو طريقو اختيار ڪري ٿي. يعني لاشعور ۾ لڪل جذبات کي شعور جي سطح تي آڻي انهن منفي جذبن کي مثبت جذبن جي صورت ڏيڻ_ مثال طور فرد ۾ خوف جو احساس غالب آهي ته مريض کي گفتگوءَ جي ذريعي اهو باور ڪرايو ويندو آهي ته خوف اهڙي شيءِ ناهي، جنهن کان ڊڄجي_ ان جو مقابلو ڪرڻ گهرجي، يا مثال طور فرد کي انڌيري ۾ ويهڻ کان خوف آهي ته ان کي آهسته آهسته روشنيءَ سان سونهون ڪيو وڃي ٿو ، هن جي همت افزائي ڪري ڪيس انڌيري سان مقابلي ڪرڻ جي قوت پئدا ڪئي ويندي آهي. اهڙيءَ طرح خوف جو احساس ۽ دٻاءُ شعور کان گهٽ ٿي ويندو آهي، جديد نفسيات ان قسم جي ننڍين ننڍين نفسياتي بيمارين ۾ اهائي ڪوشش ڪري ٿي ته ماڻهن جي غير فطري رويي کي ڪنهن حد تائين صحتمند بڻايو وڃي.

جديد نفسيات ۾ منفي احساسن کي مثبت احساسن ۾ بدلائڻ جو ٻيو طريقو هپناتائيز جو آهي، جنهن سان خيالي قوت جي ذريعي مريض جي خيالي قوت تي اثرانداز ٿي، ان کي مرض کان نجات ڏيارڻ جي ڪاوش هوندي آهي. ليڪن هيناتائيز جو اهو عمل گهڻو ڪارگر نه ٿي سگهيو آهي. ان ڪري ان سان وقتي طور تي ته مريض جي احساس ۾ بهتري پيدا ٿي ويندي آهي. پٽن ڏينهن يا ٻن ٽن مهينن کانپوءِ بيماري نئين سري سان پوري شدت سان حمله آور ٿيڻ لڳي ٿي. سبب هي آهي ته مادي خيالي قوت سان

وقتي طور تي شعور کان دٻاءُ تہ گھٽ ٿي ويندو آهي، پر لاشعور ۾ موجود احساس کي ختم ڪرڻ ۾ ڪاميابي ناهي ملندي .حقيقت هيءُ آهي تہ تحت الشعور ۾ موجود هيجان خيز جذبات ۽ احساسات جي بهتر ۽ مڪمل تسڪين جي صلاحيت،مادي نوعيت جي ماهرن جي وس جي ڳالھ ئي ناهي.

**نفسي بيمارين جي بنيادي سبب جي نشاندهي**

اهل الله جو چوڻ آهي تہ ساريون نفسياتي بيماريون انسان جي لاشعور ۾ موجود طاقتن جي نوعيت کي نہ سمجھڻ جي ڪري پيدا ٿينديون آهن_ انسان جو لاشعور، جنهن کي تصوف جي اصطلاح ۾ باطن چئبو آهي، باطن جي اها دنيا ايڏي وسيع ۽ لامحدود آهي، جو وڏن وڏن اهل الله کان علاوه ٻين جو ان کان آشنا ٿيڻ ممڪن ناهي.

باطن کي سمنڊ سان تشبيهہ ڏئي سگھجي ٿي. جتي هڪ پاسي وڏا وڏا مانگر مڇ رهن ٿا تہ ٻي پاسي اتي ئي موتي جواهر بہ موجود آهن. ليڪن موتين تائين پهچڻ لاءِ مانگرمڇن وٽان گذرڻ ڪانسواءِ چارو ناهي. لاشعور يعني باطن جي گهراين ۾ رحماني قوتون بہ موجود آهن تہ شيطاني قوتون پڻ. فالهمها فجورها " ( برائي ۽ تقوي الهام ٿيل آهن ).

اگر انسان جو صحيح طريقي سان تعليم ۽ تربيت جو نظام جڙيل هجي تہ لاشعور ( جيڪو پاڪيزه محبت ۽ منفي نوعيت جي محبت ٻنهي قسم جي جذبن سان ڀريل آهي ) ان تي رحماني قوتون غالب ٿي وڃن ۽ فرد جي سارن جذبن جي تسڪين جي صورت پيدا ٿي وڃي، انساني شخصيت ۾ موجود، خوف، احساس ڪمتري، خود اعتماديءَ جو بحران، مايوسيءَ جو غلبو، ماڻهن تي بي اعتمادي، بي وسيءَ ۽ تنهائيءَ جو احساس وغيره انهن سمورين بيمارين جي پاڙ اهائي آهي تہ لاشعور يعني باطن جي گهراين ۾ پاڪيزه محبت جي جذبات جي اظهار جي راه ۾ طاقتور منفي قوتون رڪاوٽ بڻجي پيون آهن ۽ انهن پاڪيزه احساسن ۽ جذبن کي تسڪين جا موقعا نٿا ملن پيا.



انسان جي فطرت ۾ پنهنجي خالق ۽ محبوب حقيقيءَ سان محبت جو لازوال جذبو وڏي قوت سان چوليون ٿو هڻي، انسان ۾ موجود خود شعور هستيءَ يعني روح هڪ ڀيرو حقيقي محبوب جو مشاهدو ماڻيو آهي، اهو هاڻي اهڙي ئي ديدار لاءِ سڪي رهيو آهي، ليڪن مادي جون پيداوار نفسي قوتون فطرت جي بلندين طرف وڌڻ جي راهہ ۾ رڪاوٽ آهن. اها ئي اها ڪشمڪش آهي، جا زندگيءَ ۾ جاري رهي ٿي، ماڻهن کي ان جو شعور هجي يا نہ هجي، ليڪن لاشعور يعني باطن ۾. رحماني ۽ شيطاني قوتن جي وچ ۾ شديد ٽڪراء جاري رهندو آهي. قرآن شريف ۾ آهي تہ " هي ڪافر جڏهن سمنڊ ۾ ٻيڙين ۾ سفر وقت طوفاني لهرن جو شڪار ٿين ٿا تہ هو يڪسو ٿي الله کي پڪاريندا آهن، جڏهن الله کين نجات ڏيندو آهي تہ ٻاهر اچي هو وري الله کان باغي ٿي ويندا آهن.

ان مان اها ڳالھ ظاهر ٿئي ٿي تہ بد اعمالين جي ڪري فطرت مسخ ٿي وڃڻ جي باوجود ان ۾ پنهنجي خالق ۽ محبوب حقيقيءَ جي معرفت جا ڪجھ نہ ڪجھ جزا موجود رهندا آهن ۽ اهي انتهائي مشڪل حالتن ۾ ظاهر ٿيندا آهن.

حقيقت اها آهي تہ حقيقي محبوب سان محبت جو جذبو ۽ تقاضا انساني فطرت جي سڀ کان طاقتور شيءِ آهي، اها روح ۽ وجدان جي اهڙي لازمي ضرورت آهي، جو ان کان سوا انساني شخصيت نہ فقط نامڪمل رهي ٿي، بلڪ هزارين صدمن ۽ نفسياتي بيمارين جو شڪار ٿي وڃي ٿي_ فرد ۾ پاڪيزه محبت جي اها تقاضا ايڏي طاقتور آهي، جو ماڻهو جنسي جذبن جي تسڪين بنا تہ زنده رهي سگهي ٿو مانيءَ ڪانسواءِ بہ ڪي هفتا ۽ مهينا جيئي سگهي ٿو . پر حقيقي محبوب سان محبت جي اظهار کان سواء رهي نٿو سگهي، ان جي نتيجي ۾ هو جيترين بہ نفسياتي بيمارين جو شڪار ٿي وڃي اهو گهٽ آهي.

جديد نفسياتي ماهرن جو سڀ کان وڏو الميو اهو آهي تہ هو لاشعور ۾ موجود حقيقي محبوب سان محبت جي والهانہ جذبن جي قوت جا انڪاري آهن ۽ هو لاشعور ۾ موجود محبت جي پاڪيزه طاقتور جذبن ۽ احساسن جي نوعيت کي سمجهڻ ۽ ان جي تسڪين جي صورت پيدا ڪرڻ کان غافل آهن. هنن کي لاشعور ۾ موجود رڳو منفي جذبن جا طوفان نظر اچن ٿا ۽ مادي شين جي ذريعي ئي انهن جي روڪٿام جي صورت نظر اچي ٿي. هو ان کان مٿي اٿي سوچڻ لاءِ تيار ناهي.

اهي جديد مادي تهذيب جا علمبردار اقتدار ۽ دولت جي نشي ۾ سموري انسانيت تي مادي تهذيب کي مسلط ڪري، انساني معاشري کي بيمار معاشري ۾ بدلائڻ ۾ لڳل آهن. جنهن جي سزا کان هو پاڻ بہ نٿا بچي سگهن.

**وليم جيمز جو تجزيو**

مغرب جي نفسياتي ماهرن ۾ وليم جيمز جهڙا تمام گهٽ ماهر آهن جن لاشعور ۾ موجود قوتن جي نوعيت کي سمجهي ڪري بهتر رخ ۾ انهن جي تشفي جي باري ۾ غور فڪر ڪيو هجي. ان سلسلي ۾ وليم جيمز جي طرفان ٿيل ڪم جي نوعيت کي واضع ڪرڻ لاءِ اسان سندس ڪتاب ” واردات نفسيات روحاني “ مان ڪجهہ اقتباس ڏئي رهيا آهيون. واضح هجي تہ علامہ اقبال جي خواهش هئي تہ وليم جيمز جي ان ڪتاب جو اردو ترجمو ٿئي، تہ جيئن اردو دان طبقي لاءِ جديد نفسيات جي ان صحتمند رخ کي سمجهڻ جي صورت پيدا ٿئي، وليم جيمز جي ان ڪتاب جو اردو ترجمو خليفو عبدالحڪيم ڪيو آهي، جيڪو پاڻ بہ هڪ ممتاز فلاسافر هو.

**نفس جون گهرايون ۽ پيچيدگيون**

هو لکي ٿو:

انساني نفس جون گهرايون، پيچيدگيون، جذبن جون دبيل چڻنگان، تحت الشعور جون قوتون ۽ صلاحيتون نہ تہ پوري طرح پنهنجو پاڻ تي ظاهر ٿين ٿيون ۽ نہ ٻين تي، انساني سيرت جا ڪي پهلو اوٽ ۾ رهن ٿا ليڪن



ڪنهن وقت ڪنهن مثال يا ڪنهن واقعي سان اهي ڳجهيون قوتون آشڪار ۽ پڌريون ٿي پون ٿيون.

اسان جي نفس ۾ جيڪا وسعت موجود آهي، ان جو اسان کي اندازو ناهي، اها وسعت ڪنهن جسماني ذريعي سان پوري طرح ظاهر نٿي ٿي سگهي، نفس انساني هڪ عضوي وجود وسيلي سان ڪم ڪري ٿو. ليڪن نفس جو هڪ وڏو حصو جسماني ڪمن ۾ ظاهر نٿو ٿئي. ان جو عمل ڪنهن ٻئي موقعي لاءِ ملتوي ۽ محفوظ رهي ٿو. تحت الشعور جي ذخيري ۾ گهڻو ڪجهہ اهڙو سامان هوندو آهي، جو ڪو خاص اهميت وارو ناهي هوندو. ڪجهہ ڏنڌليون يادون، ڪجهہ بزدلانہ رڪاوٽون. مطلب تہ ڪيترن قسمن جو انتشار منجهس موجود هوندو آهي. ليڪن دل ۽ دماغ جي غير معمولي صلاحيتن وارو بہ تحت الشعور ئي آهي. ( نفسيات واردات روحاني_ وليم جيمز صفحہ 729 )

محمد موسيٰ ڀٽو
آمنہ حامد زبيدي

# شاهہ جو ڪلام ۽ ان جي تشريح

شاهہ جي رسالي جي تشريح جو ترجمو بہ ادائي سال اڳ ”بيداري“ ۾ شروع ڪيو ويو هو محترم انور جوکيو صاحب ترجمي جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو هو . سندس مصروفيت جي ڪري اهو ڪم اڌ ۾ رهجي ويو. اسان جي درخواست تي رسالي جي تشريح جي سنڌي ترجمي جي ذميواري محترمہ آمنہ حامد زبيدي صاحب کنئي آهي، جنهن لاءِ اسين ڪانئس دل جي گهراين سان ٿورائتا آهيون. **(ادارو)**

صوفي لاڪوفي، ڪونہ پائس ڪير
منجهان ئي منجهہ وڙهي، پڌر نہ آهس پير
جنين ساڻس وير، ٿئي تنين جو واهرو.

صوفي جي هڪ خصوصيت اها هوندي آهي، جو هو , مسلڪي، گروهي ۽ فرقہ واريت جي تعصبن کان بلند هوندو آهي، ان ڪري ڪيس سمجهڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو آهي، اها خبر نہ پوندي تہ آخر هو ڪهڙي فرقي گروهہ ۽ مسلڪ سان تعلق رکي ٿو؟ هو امت کي قرآن ۽ سنت ۽ الله تعاليٰ جي اصل محبت واري بنياد تي قائم رهڻ جي تلقين ڪري ٿو ۽ پنهنجي مسلڪ ۽ فرقي واري حيثيت کي ظاهر ٿيڻ نٿو ڏئي، هو تہ اندر ئي اندر پنهنجي نفساني قوتن سان جنگ جوٽيندو رهي ٿو , هن جي اها سموري ويڙهاند ۽ مخالفت ڳجهي ۽ باطني نوعيت جي هوندي آهي صوفيءَ جي هڪ اهم ادا اها هوندي آهي تہ جيڪو ڪيس، پنهنجو دشمن، سمجهندو آهي، هو ان کي، پنهنجو دوست ڪري سمجهندو آهي، ڇو تہ، سندس اصل



دشمن تہ سندس ” نفس “ ئي هو, نفس سان مقابلو ڪري ڪيس سڌارڻ ڪانپوءِ تہ سندس ٻيو ڪو دشمن ناهي رهندو هن ( صوفي ) سان مخالفت ڪرڻ وارن جي حالت رحم جهڙي آهي، تڏهن هو انهن جي رهنمائي ڪري ٿو.

صوفيءَ صاف ڪيو ڏوئي ورق وجود جو
تهان پوءِ ٿيو جيئري پسڻ پريءَ جو.

صوفيءَ سخت مجاهدا ڪري، پنهنجي شخصيت تي لڳل ڪٽ کي صاف ڪيو ۽ پنهنجي وجود کي هر قسم جي گندگي کان پاڪ ڪيو. انهيءَ کان پوءِ ئي ڪيس، محبوب جي مشاهدي جي سعادت حاصل ٿي.

جيستائين، نفس ۽ نفسيانيت جا اثرات موجود آهن. تيستائين ٻيائي ۽ دورنگي پري نٿي ٿي سگهي ۽ محبوب حقيقيءَ سان، وصال جي منزل نٿي ماڻي سگهجي - صوفي، پنهنجي وجود جي سيني غلاظتن کي پاڪ وصاف ڪرڻ ڪانپوءِ ئي هن راهہ تي گامزن ٿئي ٿو ڏکهن مجاهدن ڪانپوءِ هو هن جدوجهد ۾ الله جي فضل سان ڪامياب ٿئي ٿو تنهن کان پوءِ ئي ڪيس مشاهدي جي صلاحيت عطا ڪئي وڃي ٿي.

صوفي چائين سڌ ڪرين صوفن ائيٰ نہ صلاح
ڪاتي رک ڪلاهہ، اُڇلي آڳ ۾.

صوفي ڇوراڻ ڪانپوءِ بہ نفس جون خواهشون ۽ دنيا جي حب رکين ٿو دنياوي عيش و آرام گهرين ٿو اهو تہ صوفين جي شان جي خلاف آهي، ( اها زندگي تہ دنيا داريءَ جي نشاني آهي، اهڙا صوفي جيڪي، عام دنيادارن وانگر شاهاڻي زندگي گذارين ٿا، ان کي صوفيانہ طرز زندگيءَ ابتڙ نٿا سمجهن، اهي، نقلي صوفي آهن، صوفين جي سڀ کان وڏي عادت، جيڪا هنن کي معاشري جي سيني طبقن کان منفرد ۽ مٿانهون مقام عطا ڪري ٿي، اها، هنن جي ” شان “ استغنا ۽ زهد ۽ فقر “ ئي آهي، جي ” فقر “ اجان دل ۾ گهر ناهي ڪيو ۽ اختيار ڪيل فقر سان مناسبت ڪانهي تہ ان دل جو چئتو مطلب اهو آهي تہ دنيا دارن سان، مناسبت ۽ مشابهت پيدا ڪرڻ جي فڪر

غالب آهي، اهڙا صوفي جيڪڏهن، تصوف سان سچا آهن تہ کين، وڏيڪ رياضتون ۽ مجاهدا ڪرڻ جي لاءِ تيار رهڻ کپي، ۽ پنهنجي نفس کي، عشق جي باهہ ۾ ساڙي، هن فاني دنيا جي دولت ۽ زينت جي لذت حاصل ڪرڻ جي خواهش ختم ڪري ڇڏڻ گهرجي نہ تہ کين، صوفي سڏائڻ جو حق ڪونهي، اهڙن صوفين جي باري ۾ ، شاهہ صاحب جهڙن، اڻ ڳڻت وڏن بزرگن جي اها ئي راءِ آهي ) شاهہ صاحب وڌيڪ فرمائين ٿا تہ جي دنيا جي خواهش ۽ اڻ جي لذتن تان هٿ کڻڻ لاءِ تيار نہ آهين تہ پوءِ، پنهنجي صوفيانہ ٽوپي ( لباس ) ڦاڙي باهہ ۾ اڇلائي ڇڏ!

جي ڪلاهہ رکين ڪنڌ تي تہ صوفي سالم ٿيءُ
وهہ وٽي هٿ ڪري، پر پيالو پيءُ
هنڌ تنين جو هيءُ جن حاصل ڪيو حال کي.

جيڪڏهن صوفين جي خاص ٽوپي ( جيڪا انهن جي سڃاڻپ آهي ) پائڻ چاهين ٿو يعني، صوفياڻو لباس پاٽي سامهون اچڻ گهرين ٿو تہ توکي سالم ( صحيح ) صوفي ٿيڻو پوندو، زهر جو پيالو پوري پيڻو پوندو، سخت رياضتون ۽ مجاهدا ڪري، دل کي، دنيا جي محبت کان خالي ڪرڻو پوندو ۽ فقر اختيار ڪرڻو پوندو.

تصوف جي دنيا تہ انهن ماڻهن جو ورثو آهي، جيڪي حال جا صاحب آهن، جيڪي ڪردار جا غازي آهن، جيڪي، دوئي ۽ دورنگيءَ کان پاڪ آهن جيڪي دنيا جي سامان کي اهميت ڏيڻ لاءِ تيار نہ آهن، جيڪي جي فڪر ڪانسواءِ ٻين سيني فڪرن کان آزاد هوندا آهن. دنيا جي دولت کي هو، زندگي گذارڻ ذريعو سمجهندا آهن ۽ ان کي ضرورت کان وڌيڪ استعمال ڪرڻ غلط سمجهندا آهن.

جسي ۾ جبار جو خفي خيمو ڪوڙ
جلي تون زبان سين چار ئي پهر چور



فڪر سين فرقان ۾، اسم اعظم ڏور
ٻئا در وڃيءِ مَ ووڙ اي امل اتائين سپ جي.

هتي شاهہ صاحب، طالب کي تاڪيد ڪن ٿا ) تہ دل کي حقيقي محبوب جي ذڪر سان سر شار ڪر، ايستائين جو اهو ذڪر تنهنجي دل جو حصو بنجي وڃي، قلبي ذڪر سان گڏ گڏو وقت جو ڳچ حصو جهري ذڪر (زباني ذڪر بہ ڪرڻ گهرجي تہ جيئن، دل سان گڏ زبان بہ ذڪر جي عادي ٿي وڃي.

قرآن ۾ غورو فڪر ڪري، اسم اعظم جي ڳولا ڪر ۽ در، در ڀٽڪڻ ڇڏ، مالدارن سان تعلقات، دنيا دارن سان دوستي، مادي حسن وارن سان محبت، اهي سڀ ڪم ڇڏي ڏي، توکي املهہ ۽ بي مثال دولت، قرآن ۽ الله جي ذڪر ۽ محبوب جي لاءِ درد عشق ۾ سڙڻ ۽ پڇڻ سان ئي ملي سگهندي .

عالم آئون ساڻ، پڙئو ٿو پيرِ ڪري
پاڻ نہ آهي جاڻ، ماندِيءَ منڊ پڪيڙيو.

( هينين بيت ۾ شاهہ صاحب، دنيا دارن جي حالت تي افسوس ڪندي چون ٿا ) دنيا، خود پسندي، انانيت ۽ دولت جي حصول جي لاءِ متجي وڃڻ وارن جذبن سان سرشار آهي، ماڻهو رڳو هڪڙي فڪر ۾ ٻڏل آهن تہ ڪهڙي طرح، دنيا جي فاني زندگيءَ کي، ترقي، ڪاميابي ۽ مادّي آسائشن سان پوري ڇڏيون ؟

طالب ڪٿر، سونهن سڙ اندر رومي راءِ
ماڙهو ات ڪياءِ مَ نڊ نہ پسين منڊئوا

توکي اها حقيقت جاڻڻ گهرجي تہ، هن دنيا جي ڪا بہ حيثيت نہ آهي، هيءَ دنيا اکين جو دوکو ۽ هڪ رڃ مثل آهي، اهڙي بي حقيقت دنيا کي زندگيءَ جو مقصد بنائڻ، نادانيءَ کان سواءِ ٻيو ڇا آهي، الله سائين تہ رڳو

آزمائش جي لاءِ هيءَ ڪائنات، رنگ برنگي سونهن سان سنواري تخليق ڪئي آهي، نہ تہ اصل ۾ تہ هن جي ڪا حيثيت ئي ڪانهي.

روميءَ جو چوڻ آهي تہ، ڪائنات جي اصل حقيقت الله تعاليٰ آهي، سموري ڪائنات ان جي طلب ۾ سرگردان آهي، ماڻهن جو جدا وجود يا انهن جي مستقل حيثيت ڪٿي آهي؟ اصل حقيقت تہ صرف ربّ تعاليٰ جي آهي.

طالب ڪثر سونهن سر اي رومي روءِ
جنين ڏٺي جوءِ، تنين ڪيچيو ڪين ڪي.

روميءَ جي راءِ اهائي آهي تہ ڪائنات جي اصل حقيقت الله جي آهي سموري ڪائنات، ان جي ڳولائو آهي، جن ڪي، ڪائنات جي اصليت جو مشاهدو حاصل آهي، انهن جي حالت اها آهي جو هو ڪجهہ بہ ڪيڻ کان قاصر آهن، هو ڪائنات جي خالق هستيءَ جي عظمت جي عظيم الشان مشاهدي جي سبب حيرت ۾ ٻڏل ۽ ماٺ ۾ آهن.

طالب ڪثر، سونهن سر، اي رومي چيو آهي
تاڙي جي لاهي تہ منجهيم مشاهدو ٿئي.

رومي اهوئي نڪتو بيان ڪن ٿا تہ ڪائنات جي اصل حقيقت، الله جي ذات آهي، سموري ڪائنات سندس طلبگار آهي، جي تون مسلسل مجاهدا ڪري اندر ۾ ٿبي هٽي، دل جا پردا پري ڪري، دل کي نفس ۽ مادي دنيا جي ميراڻ کان پاڪ ڪندين تہ تنهنجي مٿان اها حقيقت پاڻ ئي واضح ٿي ويندي .

طالب ڪثر سونهن سر اي روميءَ جي رهاڻ
پهرين وڃائڻ پاڻ پسڻ پوءِ پرينءَ کي.

رومي اهوئي نڪتو بيان ڪن ٿا ۽ ان تي اصرار ڪن ٿا تہ ڪائنات جي حقيقت تائين رسائي جي لاءِ ضروري آهي تہ پهرين پنهنجي وجود کي



فنا ڪريو نفس جا حجابات هٽائي، ان کي پاڪ ۽ صاف ڪريو، ان کان پوءِ قلب جي آرسيءَ تي قرآني حقائق منڪشف ٿيندا ۽ دل تي محبوب حقيقي جي تجلين جو عڪس پوندو_

طالب ڪثر سونهن سر اي روميءَ جي راحت
جنين ڏٺي ست تنين ڪيچيو ڪين ڪي.

رومي ان نڪتي جي وضاحت ڪندي ان تي مسرور آهن تہ جن ماڻهن محبوب جو مشاهدو ماڻيو آهي، اهي سراپا حيرت آهن،ڪين ماٺ لڳي وئي آهي، اهي، ڪجهہ بہ ڪيڻ ۽ ٻڌائڻ جي همت نٿا رکن، ڇاڪاڻ تہ، محبوب جي شان عظمت کي بيان ڪرڻ ۽ ان جو معمولي بہ حق ادا ڪرڻ، انسان جي وس جي ڳالهہ ڪانهي ۽ ٻيو تہ، محبوب، جن عارفن کي پنهنجي دنيا جي ڪجهہ مشاهدي جي سعادت بخشين ٿا تہ اهي ان کي، محبوب خاص جي نوازش ۽ انعام سمجهن ٿا ۽ اسرار پڻ، اهي محبوب جي رازن کي کولي محبوب جي ناراضگي سهڻ جي همت نٿا رکن.

طالب ڪثر، سونهن سر، اي رومي جي اوطاق
جي پيچي در فراق، تہ منجهين مشاهدو ٿئي.

روميءَ جو مشاهدو آهي ( جنهن جو مٿي ذڪر ٿيو ) تہ جيڪڏهن، غير معمولي مجاهدن جي ذريعي، الله ۽ ٻانهي جي وچ ۾ فاصلو ختم ٿيئي تہ، جيڪر هن کي اندر جي مشاهدي جي سعادت حاصل ٿيئي.

ظاهر ۾ زاني، فڪر منجهہ فنا ٿئا
تنين کي تعليم جي ڪڙهہ اندر ڪاني
حرف حقاني دور ڪيائون دل ۾.

انهن عاشقن جي حالت اها آهي، جو بظاهر تہ اهڙا نظر ايندا آهن، ڄڻ مخلوق ۾ هنن کان وڌيڪ ڪو گنهگار ڪونهي، سندن ظاهري عمل مان هنن جي بزرگيءَ جي ڪا نشاني نٿي ڏسڻ ۾ اچي، پر حقيقت ۾ هنن جي دل،

محبوب سان گڏ آهي، هو باطني طور هر وقت محبوب سان رابطي ۾ هوندا آهن. ڏٽيءَ جي ياد ۽ ذڪر ۾ مست هوندا آهن. بلڪ محبوب ۾ ” فنا “ هوندا آهن، هنن کي، هڪڙي ئي ڳڻتي لڳل هوندي آهي تہ، حقيقي محبوب جي معرفت ماڻيون تہ جيئن، ”وماخلقت الجن والانس الا ليعبدون ط “ جي پٽاندر، ٻانهپ جا ڪجهہ نہ ڪجهہ تقاضا پورا ٿي سگهن.

اهي دل ۾، ڪثرت سان ذڪر ڪندا رهندا آهن. ۽ هن ذڪرسان دل کي منور ۽ شاداب ڪندا رهن ٿا_

جن کي دور درد جو سبق سور پور پڙهن
فڪر ڦرهي هٿ ۾ ماٺ مطالعو ڪن
پنو سو پڙهن جہ ۾ پسن پرينءَ کي.

سچا طالب، جيڪي پنهنجي دل ۾ الله جي عشق جو درد رکن ٿا، اهي هر پل، اهڪڙوئي سبق ٿا ورجائين يعني، ڪين هر وقت هڪڙي فڪر لڳل آهي تہ ڪٿي محبوب ناراض نہ ٿي وڃي ۽ ان جي جلال جا تير نہ سهڻا پون، هو محبوب جي جلال و جمال جي عڪسن جي فڪر ۾ ئي گم رهن ٿا انهن سچن عاشقن جي بس هڪڙي ئي مصروفيت آهي، جو هو پنهنجي دل جي ڦرهيءِ ( سليٽ ) جو چپ چاپ مطالعو ڪندا رهن ٿا، جنهن تي محبوب جي انوار حسن جو مشاهدو ڪن ٿا، انهيءَ ئي پني کي ورائي، ورائي پڙهن ٿا_.

سا ست ساريائون، الف جنهن جي اڳم
لا مقصود في الدارين ان پر اتائون
سڳر سوڻائون ٿئا رسيلا رحمان سين

انهن عاشقن جي خصوصيت اها آهي تہ انهن پنهنجي علوم مان ان ست کي ياد ڪيو آهي، جنهن جي آغاز ۾ الف آهي يا ” الله “ آهي يعني هو الله جي نالي جو ڪثرت سا ذڪر ڪندي، الله جي معرفت جي راه تي گامزن آهن هو زبان حال سان اهو چوندا رهندا آهن ” لا مقصود في الدّارين “ انهن جي لاءِ ٻنهي جهانن ۾ محبوب حقيقيءَ ڪانسواءِ ڪو مقصود نہ آهي رڳو الله



جي رضا جا طالب آهن، ۽ اها ”رضا “ رڳو عبادت ۽ اطاعت جي ذريعي ئي حاصل ڪري سگهجي ٿي، انهن عاشقن، نفس جي سرڪش قوتن کي مطيع ڪري، خالص محبوب جو ٿي وڃڻ وارو ڏکيو رستو اختيار ڪيو آهي، هاڻي هو صرف محبوب حقيقيءَ جي رضا ۾ راضي آهن.

رسيلا رحمان سين سڳر سونهن جي
آئيون تنين کي واڏايون وصال جون.

جيڪي سپن کان يڪسو ٿي، محبوب حقيقيءَ جي راه تي گامزن ٿيا محبوب جا ڳولائو ٿيا، انهيءَ فڪر ۾ غلطان ٿيا، اهي ئي اهي خوش نصيب افراد آهن، جن کي محبوب جي طرفان وصال جي خوشخبري عطا ٿي آهي يعني هو نفس مطمئنہ جي مقام تي فائز ٿيا آهن، اهڙن عاشقن جي لاءِ ئي فرمايو ويو آهي .

ساسٺ نہ سارين، الف جہ جي اڳ ۾
ناحق نهارين، پنان ٻئا پرينءَ لئہ.

( شاهہ صاحب علم حاصل ڪرڻ وارن عام طالبن جي باري ۾ فرمائين ٿا) اهي، دنيا جهان جا علم حاصل ڪرڻ ۾ رڌل آهن اهي علوم ۽ فنون حاصل ڪرڻ ۾ پنهنجو وقت ۽ توانائي خرچ ڪن ٿا،پر جيڪو اصل علم آهي، ان جي پهرين سٽ ۽ ان سٽ جو پهريون حرف ” الف “يعني لفظ ”الله“ کان غافل آهن، هن لفظ جي تڪرار ذريعي، پنهنجي دل کي محبت جي نور سان اجارڻ کان محروم ۽ قاصر آهن، مطلب تہ اهي، محبوب حقيقيءَ سان محبت جي حقيقي علم کان گهڻو پري آهن، هو محبوب کي ڳولهڻ لاءِ اجايو ڪتابن مٿان ڪتاب پڙهندا رهندا آهن.

جيڪڏهن هو ” الله “ جي لفظ کي دل جي گهرائيءَ ۾ ڄمائي، ان جو ورد ڪن ها تہ ڪين، گهڻي مطالعي جي ضرورت نہ پوي ها، ڪين، ” نفس “ جي سڃاڻپ ۽ ” ربّ “ جي سڃاڻپ ان طريقي ئي حاصل ٿيڻي هئي.

اکر پڙهي اپاڳيا، قاضي ٿئين ڪٿاءِ
پيريين پانئين ايڏا اي نہ آءُ
ان سرڪيءِ سندو ساءُ پڇج عزازيل کي.

( هن بيت ۾ شاهہ صاحب، عام دانشورن جي حالت زار جو ذڪر ڪندي چون ٿا )

اي نا اهل : اي بد نصيب شخص : تون رڳو ڪتابي علم پڙهي قاضي جي مسند تي، عالم جي مسند تي ڪيئن فائز ٿئين؟ تنهنجي تہ اها حالت آهي جو علم بہ آهي ۽ نفس پرستي بہ آهي، علم ۽ ڄاڻ رکندي ماڻهن کي دوکو ۽ فريب ڏئين ٿو علم رکڻ جي باوجود شهرت ۽ دولت جي بک ۾ مبتلا آهين.

رڳو ظاهري علم کي ڪافي سمجهي، ان تي اڪتفا ڪرڻ، سموري حياتي، انهيءِ نمائشي علم ۽ فن کان اڳيان نہ وڌڻ، اهو تہ وڏي نقصان جو سئودو آهي، حقيقي علم، " نفس جي سڃاڻپ ۽ رب جي سڃاڻپ جو علم آهي، شيطان محض اهو ئي علم رکندڙ هو، ان ڪري، کيس هن علم ڪو بہ فائدو نہ ڏنو.

عاشق عزازيل، ٻئا مڙئي سڏڙيا
منجهان سڪ سبيل لعنتي لعل ٿيو.

هي حالت سڪر ۽ مدهوشي جو شعر آهي، صوفي شعراءِ جا اهڙا بيت، جن سان مذهبي تقدس مجروح ٿيندو هجي اهي، قابل گرفت آهن، پر جيئن تہ هو انوار جي غير معمولي غلبي جي اثر هيٺ هوندا آهن، ان ڪري، هو معذور هوندا آهن ۽ تعذير جي قابل نہ هوندا آهن ( واضع رهي تہ ڊاڪٽر نبي بخش جي تحقيق مطابق اهو بيت، شاهہ صاحب جو نہ آهي، سندس رسالي جي ڪجهہ نسخن ۾ شامل ٿي ويو آهي.)



وسر ئوم سبق، پهرين سٿ نہ سنپران
اجا هي ورق، هيءِ مطالع نہ ٿئو.

منهنجي حالت اها آهي جو " الست بربکم " جي وقت، مون کي جيڪو سبق پڙهايو ويو هو يعني، الله جي ربّ هجڻ جو سبق، اها ڳالهہ دل سان مڃڻ ۽ ان تي ڄمي بيهڻ جو سبق، ۽ ان " ربّ " کي معبود بنائڻ جو سبق، اهو سبق مون وساري ڇڏيو، دنياوي علوم ۽ فنون حاصل ڪرڻ ۾ ايڏا تہ مصروف ٿي ويا سين، جو اجا تائين پنهنجو اصلو ڪو سبق ورجائڻ جو نہ ڏيان آيو ۽ نہ ان کي هئينن سان هنڊائڻ جو موقعو ئي ملي سگهيو.

ڪئو مطالعو مون هو جو ورق وصال جو
ته تون هي تون ٻي لات نہ لحظي جيتري.

جڏهن مون حالت و صال جي ورق جو مطالعو ڪيو يعني، جڏهن مون، مجاهدن جي ذريعي نفس جي مادي سرحدن کي پار ڪري، دل جي اونهائي ۾ ٽٻي هڻي، محبوب تائين رسائي حاصل ڪئي تہ اتي، مون تي جيڪا حقيقت ڪلي واضع ٿي اها، اها آهي تہ ڪائنات جي هر شئي، الله جي پاڪائي ۽ واکاڻ بيان ڪري رهي آهي،

جہ مون پڙهيو پاڻ ليءِ سبق سابق جو
جت عرفان اصل ۾ ٿي روحن روز ڪئو
وري ورق پئو، گڏيم وڍ وصال جو.

جڏهن مون، اندر ۾ ٽٻي هڻي، " الست بربکم " جو سبق پڙهيو، ان سان مون تي سڀ کان پهرين پنهنجي حقيقت ۽ اهميت واضح ٿي، جتي ازل ۾، عالم ارواح ۾، روحن کي روزانو محبوب حقيقيءَ جي معرفت حاصل ٿيندي رهي، تنهن ڪانپوءِ، فراق جي فاصلي کي مون اهڙي طرح ( باطني غور ۽ فڪر سان ) ٻري ڇڏيو ( رب تعاليٰ جي معرفت حاصل ڪرڻ لاءِ پهرين، پنهنجي نفس کي سڃاڻڻ ضروري آهي ) .

اکر چٽي هيڪڙي، ڀهون جي نہ ڀڄهن
کوه ڪبو کي تن، سڄي سٽائي ڳالهڙي،

اهي اڀوجهہ ۽ بي سمجهہ ماڻهو، جيڪي، هڪڙي لفظ يعني " الله " جي ٻڌڻ سان حقيقت جو ادراڪ نہ ڪري سگهن، پنهنجي فطرت جي آواز کي سمجهڻ جي ڪوشش نہ ڪن " الست بربکم " واري پيغام ڏانهن نہ اچن اهڙن اڀوجهن کي سموري تفصيل ٻڌائڻ مان ڇا ورندو؟ اهي تہ، درد عشق جي دل گداز داستان ۽، محبوب حقيقيءَ جي انوار حسن جي لذتن ۽ اهل تصوف جي ڳالهين کي ٻڌي، مورڳو انهن ڳالهين جو مذاق تا اڏائين، چاڪاڻ تہ، اهڙن ماڻهن کي معرفت ۽ محبت، جي ضرورت ۽ اهميت ۽ ان جا فائدا ۽ زندگيءَ ۾ ذڪر کي شامل ڪرڻ سان ان ۾ صحتمند تبديليءَ جي حوالي سان سموري تفصيل ٻڌائڻ جي بدران ڪين، سندن حال تي ڇڏي ڏجي، ورنہ، انهن ۾ ضد ۽ اعتراض جي نفسيات وڌيڪ مضبوط ٿيندي .

پڙهيو ٿا پڙهن، ڪڙهن ڪين قلوب ۾
پاٽان ڏوهہ چڙهن، جي ورق ورائڻ وترا.

ظاهري علم رکندڙ انهن عالمن جي حالت اها آهي، جو اهي ڪتابن مٿان ڪتاب پڙهندا رهن ٿا، درسي ڪتاب، مختلف هنري فنون جا ڪتاب، علم و ادب ۽ تاريخ جا ڪتاب ۽ مذهبي ڪتاب، پر هنن جي دلين ۾ ڪا تبديلي پيدا نٿي ٿيئي چوتہ، اهي پنهن جي حالت کان غافل آهن، اهي، محبوب جي درد عشق سان دل کي، سر شار ڪرڻ لاءِ تيار ئي نہ آهن، هنن کي اهو ادراڪ نہ آهي تہ دل کي انوار الاهي سان سرشار ڪرڻ سان، نيڪ عمل ڪرڻ جي قوت پيدا ٿيندي آهي ۽ ان ۾ واڌارو ايندو آهي.

سندن حالت اها آهي جو ڪتابي علم ۾ هي جيتري قدر ترقي ڪندا وڃن ٿا، اوتري قدر سندن، نفساني قوتون زور وٺنديون رهن ٿيون ۽ گناهن جي واڌاري ۾ بہ تيزي ايندي رهي ٿي، چاڪاڻ تہ، دل جي صلاحيتن کي



سجاڳ ڪرڻ ڪانسواءِ رڳو ڪتابي علم، انهن ۾، دوکيبازي ۽ فريب ڪاري جي قوت وڌائڻ جو ڪارڻ بڻجي ٿو.

پڙهئو پڙهيجاه، سبق انهم سور جو
ميم رکجاه من ۾ الف تہ اڳياه
چتا چوريجاه، اها لات لطيف چئي.

( هن بيت ۾ شاه صاحب فرمائين ٿا ) جي توهان چاهيو ٿا تہ " انساني جوهر " مان حصو ملي، نفس جو تزڪيو حاصل ٿئي، عارضي زندگي محبوب جي رضا ۽ دائمي زندگيءَ جو ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جي جستجو ۾ گذري تہ ان جي لاءِ ضروري آهي تہ، دل ۾ درد ۽ محبت جي جذبن کي سجاڳ ڪريو ۽ محبوب جي محبت جي سبق کي ئي حياتيءَ جو مقصد بڻايو دل جي مٿان الله جي نالي جي نقشن کي چڱيءَ طرح سجائي رکو ۽ گڏو گڏ محمد صلي الله عليہ وسلم جي نالي کي بہ -لطيف چوي ٿو تہ انهي پيغام کي هينئين سان هنڊايو ۽ الله ۽ ان جي رسول صلي الله عليہ وسلم جي محبت کي من ۾ وسايو، ايتري سچي محبت دل جي اونهائيءَ ۾ ذخيرو ڪريو، جو ان جي سامهون باقي مادي محبتون جهڪيون ٿي وڃن، جڏهن درد عشق سان، راه سلوڪ جو سفر طئي ٿيندو تہ، ظاهري علم بہ نافع بنجي ويندو ۽ نفسي قوتون مطيع ٿي وينديون ۽ شر ۽ فساد جي بدران معاشري جي افراد ۾ " خير " جي ڏي وٺ ٿيندي_

اکر پڙهہ الف جو ٻيا ورق سڀ وسار
اندر تون اجار، پنان پڙهنده ڪيترا؟

هڪڙو ئي لفظ " الله " پڙهندو رهہ الله جي نالي تي ايڏي محنت ڪر جو ان جي انوار سان تنهنجي دل منور ٿي وڃي ۽ اهي انوار، نفسي قوتن جي فساد کي ختم ڪرڻ جو باعث بڻجن الله جي ذڪر ڪانسواء ڪجهہ عرصي جي لاءِ ٻيا علم سکڻ کان پاسو ڪر، في الحال، ٻيا سڀ ورق وساري ڇڏ،

يعني الله حي قلبي ذڪر ۾ ايتري فنائيت اختيار ڪر، جو بس دل ۽ ذهن تي، الله جي نالي جو پڙاڏو ئي گونججندو رهي.

توکي سڀ کان پهريان، پنهنجي اندر کي آباد ۽ منور ڪرڻ گهرجي، انهي ڪم کي اوليت ڏيڻ گهرجي، نفس کي پليتيءَ کان پاڪ ڪرڻ کانسواءِ، وڏي کان وڏو علم بہ توکي ڪو فائدو نہ ڏيئي سگهندو. ( علمن جو مقصد تہ نفس کي سڌارڻ ۽ ان کي پاڪ صاف ڪرڻ آهي، جي، نفس جو تزڪيو نہ ٿئي تہ سڀ علوم بيڪار آهن، آخر تون ڪيستائين ڪتابن مٿان ڪتاب پڙهندو رهندين ؟ هاڻي خدا جي لاءِ ڪتابن ۾ بيٺ مشغلن کي ڇڏي "فساد جي مرڪز " " نفس ۽ دل " جي اصلاح ۽ تزڪئي ڏانهن ڌيان ڏي ) .

جيئن جيئن ورق ورائين تيئن تيئن ڏٺو ڏوهہ
تہ کهٽي ڪبو ڪوهہ؟ جي رهٽي رهيو نہ سيرين.

عام طور تي حالت اها آهي تہ، ڪتابي علمن جي حصول سان گڏ گڏو فردن ۾، دولت ۽ شهرت جي بک وڌي وئي آهي ۽ گناهن ۾ پڻ، اڳي کان اڳرا آهن، ڪتابي علم انهن کي گناهن کان باز رکڻ جو ذريعو نٿا ثابت ٿين، اهڙي علم پرائڻ مان ڇا ورندو ، جنهن ۾ "عمل صالح" جي قوت نہ هجي ۽ جيڪو علم، محبوب جي محبت ۽ معرفت کان پري ڪرڻ جو باعث بڻجي ۽ فرد ۾ علمي زعم ( وڏائي يا غرور ) پيدا ڪري ۽ معرفت ماڻڻ واري راه ۾ رنڊڪ وجهي_ اهڙي علم کان بس ڀلي.

ڪاتب لکن جيئن لايو لام الف سين
اسان سڄڻ تيئن رهيو آهي روح ۾.

اي صاحب علم شخصيت ! تون جيئن الف کي لام سان ملائي لکندو آهين، بلڪل ساڳي حالت اسان جي آهي، ايئن ئي محبوب حقيقي سان اسان جي دل ۾ روح لاڳاپيل آهي، محبوب حقيقي منهنجي روح جو حصو



آهي، هو هر وقت روح جي گهراين ۾ موجود آهي، اسان محبوب جي ذاتي نالي " الله " تي ايڏي محنت ڪئي آهي، ان ذڪر جو ايڏو تڪرار ڪيو آهي، جو محبوب ۽ اسان جي وچ ۾ جيڪو فرق موجود هو، اهو ختم ٿي ويو آهي،( ونحن اقرب اليہ من حبل الوريد ) ۽ اسان توهان سان توهان جي، شهہ رڳ کان بہ ويجها آهيون_ ( قرآن جي اها آيت اسان جو حال بڻجي وئي آهي ).

ڪو ٿو ڪاڳر ڪوريئن؟ وينو وڃائين مس
ڏور تنائين ڏس، اکر جتائين جڙيا.

اي صاحب علم شخصيت! آخر تنهنجي اها حالت ڇو آهي جو تون، ڪتابن جي لکڻ ۾ ۽ ڪتابي علوم پڙهڻ ۾ پنهنجو وقت وڃائين ٿو ۽ مس بہ ضايع ڪرين ٿو تنهنجي لاءِ بهتر لائحہ عمل اهو آهي تہ في الحال انهن ڪمن کان پاسو ڪري، مجاهدن جي ذريعي، ان هستي تائين رسائي حاصل ڪر، جيڪا هستي، انهن سڀني علمن جي خالق آهي، جنهن هستيءَ جي پاڪ ذات مان سيئي علم ڦٽي نڪتا آهن.

تهڙا چاليها نہ چاليهہ، جهڙو پسڻ پريءَ جو
کهڙي ڪاتب ڪرين، مٿي پنن پيهہ،
جي ورق ورائين ويهہ، تہ اکر اهو ئي هيڪڙو

( اي نادان سالڪ! تنهنجا " چلا " انهيءَ قابل ناهن، جو ان سان توکي محبوب حقيقيءَ، جي مشاهدي جي استعداد حاصل ٿي سگهي، هتي رڳو چلن سان ڪم نہ هلندو، پر حياتيءَ جو ڪجهہ عرصو مجاهدن ۾ گهارڻو پوندو، تڏهن وڃي ڪنهن ماڳ تي رسندين، اي صاحب علم شخصيت! آخر ڪتابن جي مطالعي تي تنهنجو ايڏو زور ۽ اصرار ڇو آهي؟ آخر رڳو مطالعي ۾ ايڏي مشغولي ڇو؟ انهن ورقن جي پويان جيڪا اصل حقيقت ڪار فرما آهي اها، لفظ " الله " جي ئي حقيقت آهي يعني، سمورن علمن ۾ " الله " ئي ڪار فرما

آهي، سيني علوم جو ” حاصل “ الله جي نقش کي دل جي اونهائين ۾ مستحڪم ڪرڻ آهي ۽ الله جي معرفت حاصل ڪرڻ ئي آهي.

تن ڪڏي من هجرو، ڪيم چاليهارڪ
ڪ نہ پوڄيو پوڄين ائئي ڀهرالک
تان تون پاڻ پرک، سپڪ ڏاه سامهم.

منهنجي حالت اها آهي جو منهنجو جسم نسورو ٻانهپ سان سرشار آهي منهنجي دل محبوب جي قيام گاه آهي، مون رسمي چلن کان پاسو ڪري، محبوب حقيقي کي پنهنجو مقصود بڻايو آهي، آخر تون هر وقت چو، نہ، ٿو محبوب حقيقي جي عبادت ۽ اطاعت ٿو ڪرين ان جي ٻانهپ کي پنهنجي حياتيءَ جو وظيفو بڻائي ڇڏ.

جڏهن توکي معرفت نفس ۽ خوشناسي جي سعادت حاصل ٿيندي تہ تنهنجي عبرت ۽ موعظت جي صلاحيت ۾ واڌارو ايندو ۽ قدرت جو هر منظر، تنهنجي لاءِ، محبوب جي ياد ۽ ان جي شان عظمت جي ڏيان جو ذريعو بڻجي ويندو_

سيڪ ڏاه سا مهم، ڪو هنڌ خالي ناهہ
احدا جي ارک ٿئا، سي ڪائر ڪبا ڪاه
محب منجهين من ماءِ، مون اجاڻندي اجهئو.

محبوب حقيقيءَ جو تجليون هر طرف موجود آهن، ڪائنات جي هر شئي ان جي وجود جي شاهد آهي، جيڪي غافل ماڻهو محبوب جي معرفت ۽ ان جي شان عظمت کان پري رهيا، جيڪي ان جي ذڪر کان غافل رهيا، اهڙن سست ۽ بزدل ماڻهن کي اسان ڇا ڪريون، انهن سان اسان جو ڪهڙو واسطو؟



محب کي محبوب جي معرفت تہ اندر جي اونهاين ۾ ٽٻي هڻي اچڻ سان ئي حاصل ٿي_

هارائج هيئنين ۾، الف سندي اوڙ.
ڪتابن جي ڪوڙ منجهان ئي معلوم ٿئي

دل کي الله جي ذڪر سان سرشار ڪريو، ڪثرت سان ذڪر جي عادت وجهو، دل ۾ الله کي مرڪزي حيثيت ڏيو تہ، ان جي نتيجي ۾ تنهنجي دل مان بي شمار علوم، ڦٽي نڪرندا، ان سان، بي شمار ڪتاب وجود ۾ ايندا، ( علم جي خالق هستيءَ سان تعلق مضبوط ڪرڻ ۽ ٻيائيء کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري، ان جي انوار جي تجلين سان فيضياب ٿيڻ جي نتيجي ۾ ايئن ٿيندو آهي ۽ اندر جي دنيا مان اهڙيون، اهڙيون ڳالهيون ڦٽي نڪرنديون آهن جو، اهل علم ۽ اهل دانش، حيرت ۾ پئجيو وڃن ٿا، هن حديث پاڪ پٽاندر، ( پنهنجي علم تي عمل ڪريو تہ ان جي نتيجي ۾ توهان کي نئون علم عطا ڪيو ويندو جنهن کي، توهان نٿا ڄاڻو ) شاهہ صاحب جو اشارو انهي حديث مبارڪ ڏانهن آهي.

ڪوڙيئن ڪتابن ۾، حرف مڙوئي هيڪ
جي تو نظر نيڪ تہ بسم الله ئي بس ٿئي.

سيني ڪتابن جو حاصل، هڪڙو ئي حرف آهي اهو، ” الله “ جو نالو آهي، جي تون سچي دل سان، محبوب تائين پهچڻ چاهين تہ پوءِ تنهن جي لاءِ، ”بسم الله “ ئي ڪافي آهي، سموري حياتي علوم ۽ فنون تي خرچ ڪرڻ جي بدران، الله سان محبت جو ناتو جوڙي وٺ !، ائين ڪرڻ سان تون انساني صفات سان بهره ور ٿيندين ۽، افراد معاشره جي لاءِ رحمت جو باعث

بڻجندين، ورنہ دل جي صفائيءَ کان غافل ٿي ڪري، رڳو علوم ۾ مصروفيت هڪ ٻئي سان مقابلي ۽ فساد جو ٿي ذريعو بنجي رهجي ويجي ٿي.

اوريائين اوچون ڪري، منجهايا ملن
سي پريتئون پاسي ٿئا، ڳهہ ڳهہ ڳالهيون ڪن
ساهيان اوڏو سپرينم، لوچئو تان نہ لهن
دم نہ سڃاڻن دانهون ڪن منن جنءَ

اهي عالم جيڪي محبت ۽ معرفت کان خالي آهن تن جي، حالت اها آهي جو هنن، ماڻهن کي ٿلهين ڳالهين ۾ وندرائي اصل حقيقت کان پري ڪري ڇڏيو آهي، محبوب حقيقيءَ کان دوريءَ جي سبب اهي، غير ضروري بلڪ بي هوده ڳالهين ۾ وقت ٿا وڃائين، محبوب جيڪو انسان کي ان جي شہ رڳ کان بہ ويجهو آهي، ذڪر ۽ فڪر جي ذريعي ان تائين رسائي حاصل ڪرڻ جي اصل ڪم کان غافل آهن اها، رحم جوڳي حالت آهي.

اهي، محبوب جي معرفت کان پري آهن ۽ ڏڪائيلن جيان رڙيون ۽ واڪا ڪري رهيا آهن يعني محبت ۽ معرفت جي اجزاءِ کان محروم افراد جي حالت اها هوندي آهي جو هو دنياوي معمولي ڏکن ۽ مصيبتن تي، بيقرار ٿي ويندا آهن ۽ سندن ننڊون حرام ٿي ويندييون آهن، خود اعتمادي جي بحران جو شڪار ٿي غم ۽ پريشانين جا شڪار ٿي ويندا آهن.

ملئين مٺي ماءُ، جنهن پتو ڦٽو پيٽ ۾،
سڃاڻي الله، تپ ڏنائين ڏوڙ ۾ـــ

اهي عالم ۽ ڏاها جيڪي سڀ ڪجهہ ڄاڻن ٻجهن ٿا، الله جي تعليمات ۽ ان جي احڪامات جي ڄاڻ رکن ٿا، ان جي باوجود هو نفس پرستي ۽ ماديت جي ڏٻڻ ۾ ڦاٿل آهن، ڪاش تہ ماءُ اهڙا اولاد نہ ڄڻي ها، يا



هو ڄمڻ کان پهرين مري وڃن ها، ڇاڪاڻ تہ علم جي باوجود الله کان سرڪشي، علم جي باوجود دنيا سان محبت، علم جي باوجود الله جي ٻانهن کي حقير سمجهڻ جي روشن، علم جي باوجود دنيا ۾ پنهنجي فرائض کي صحيح طرح سان ادا ڪرڻ کان منهن موڙڻ، اها، ناقابل معافي روش آهي، اهڙا ماڻهو الله جي ڏمر جا شڪار هوندا.